# لاڙي ۽ ڪڇي

## (سنڌيءَ جا ٻہ محاورا)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سنڌي لئنگويج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2008ع



سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (118)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

**لاڙي ڪڇي (سنڌيءَ جا ٻہ محاورا)**

ليکڪ: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

ڇاپو: پهريون

سال: 2008ع

تعداد: 1000

قيمت: 100 روپيا / 5 ڊالر/3 پائونڊ

**Catalogue Reference**
Junejo Abdul Jabbar Dr
*Larri & Kachhi(Dialects of Sindhi)*
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-10-9

***Larri & Kachhi Dialects***

| | |
|---|---|
| By: | Dr. Abdul Jabbar Junejo |
| Edition: | First, 2008 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs. 100/=, $ 5/ £ 3 |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com, sindhila1@hotmail.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | Intel Communications, Hyderabad. |
| Composed by: | Muhammad Ali Shah & M. Ramzan |
| Title: | Asadullah Bhutto |

هيءُ ڪتاب اداري جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين، ميسرس انٽيل ڪميونيڪيشن، حيدرآباد مان ڇپرائي، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي آفيس، نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# فهرست

(لاڙي محاورو)


| | |
|---|---|
| ناشر پاران | 4 |
| مُهاڳ | 5 |
| لاڙ :مختصر تعارف | 7 |
| باب پهريون: سنڌيءَ جي قدامت | 10 |
| باب ٻيو: محاورا | 13 |
| باب ٽيون : لاڙي محاورو | 27 |
| باب چوٿون: لاڙ جي چونڊ لغت | 30 |

(ڪڇي محاورو)

| | |
|---|---|
| باب پنجون: ڪڇ، تاريخي پس منظر | 63 |
| باب ڇهون: ڪڇي ماڻهو- سنڌي ماڻهو | 68 |
| باب ستون: ڪڇيءَ جا نمونا | 72 |
| باب اٺون: ڪڇي محاوري جون خصوصيتون | 76 |
| ماخذ | 79 |




# ناشر پاران

اداري پاران سنڌ جي بزرگ عالم ۽ استاد ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو تيار ڪيل ڪتاب ”لاڙي ۽ ڪڇي“ (سنڌيءَ جا ٻہ محاورا) ڇاپي پڌرو ڪري رهيا آهيون. هن ڪتاب جي عنوان ۾ انگريزيءَ جي لفظ Dialect جي متبادل طور لفظ ”محاورو“ آندو ويو آهي، جيڪو اردوءَ جي اثر ۾ ڀهاڪي واري معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. ڀيرو مل مهر چند آڏواڻيءَ ”اپڀاشا“ لفظ استعمال ڪيو آهي، جڏهن تہ ٻين عالمن مان ڪن ان کي ”ننڍي ٻولي“ تہ ڪن ”ٻولي“ (جيئن ”ٿري ٻولي“) تہ ڪن وري ان کي ”لهجو“ سڏيو آهي. جيڪو وري Accent جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. گهڻي وقت کان ان ڏس ۾ بحث هلندڙ آهي تہ آخر Dialect ۽ Accent ۾ فرق ڪيئن ڪجي، يا ”ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي“ واري فرق کي ڇا چئجي؟ اسان وٽ ڪي شيون غلط العام صحيح جي طور تي رائج رهيون آهن، انهن جي لاءِ عالمن کي ويهي سوچڻو پوندو ۽ اهڙن ڪيترن لفظن ۽ اصطلاحن بابت فيصلو ڪرڻو پوندو. هيءَ ڪتاب جيئن تہ منهنجي سنڌي لئنگيئج اٿارٽيءَ ۾ اچڻ کان اڳ تيار ٿي چڪو هو اُن ڪري مون ان کي جيئن جو تيئن رکيو آهي. البت آئيندي اهڙي قسمن جي لفظن بابت عالمن سان مشورا ڪري هڪ فهرست تيار ڪري ليکڪن ۽ ادارن کي اماڻي ويندي، جيئن اهي ان موجب عمل ڪري سگهن.

10 جون 2008ع

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيئرپرسن

# مُهاڳ

مادري زبان طور زبان هڪ وسيع جهان آهي. ڳالهائڻ وارا اُن جا محافظ آهن. اُهي غير شعوري طور جڻ زبان کي ترقي ڏيارڻ ۾ مصروف آهن. عالم ۽ اسڪالر شعوري طور زبان جي وسعت ۽ باريڪين کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

اسان جا لکڻ وارا ٻوليءَ جي قدامت، تاريخ، ترقيءَ ۽ جوڙجڪ تي ڪنهن نه ڪنهن حد تائين سوچيندا آيا آهن. ڪن ٿورن ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ارتقا تي لکيو آهي. سنڌيءَ ۾ اُهو پهريون ڪتاب ڪاڪي ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي جو هو جنهن هن موضوع تي اشارو ڪيو. اُهو ڪتاب به هو ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، جيڪو 1941ع ۾ لکيو ويو. جنهن جا ٻيا ڇاپا به شايع ٿيا. اُهو ئي اڪيلو ڪتاب اهلِ ذوق ۽ شاگردن جي اڀياس ۾ رهيو. منهنجي اڀياس جو مرڪز به اُهوئي ڪتاب رهيو. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ڀيرومل مهر چند، گريئرسن جي پيش ڪيل نظرئي موجب ڳالهه ڪئي ۽ ٻيا نظريا پوءِ آيا جن ڀيرومل جي هن ڳالهه سان اختلاف ڏيکاريو. اُنهن ۾سنڌ ۽ هند جا برک عالم شامل آهن. 2007ع ۾ منهنجو ننڍڙو ڪتاب ”سنڌي زبان جي ماهيت“ شايع ٿيو جنهن ۾ مون سنسڪرت زبان ڏانهن وري توجهه ڏيڻ جي ڳالهه به ڪئي ۽ ٻين موضوعن سان گڏ محاورن (Dialects) بابت به چند بنيادي ڳالهيون بيان ڪيون. سنڌيءَ جي محاورن جي باري ۾ منهنجا به ٽي مضمون اڳ ۾ ڇپيل هئا، جن ۾ آڳاٽو مضمون 1951ع ۾ نئين زندگيءَ ۾ ڇپيو. آءٌ خاص طور ٻوليءَ، گرامر ۽ لسانيات بابت لکندڙ نه رهيو آهيان. البت هن ميدان ۾ ٻوليون سکڻ ۽ سنڌيءَ جي محاورن بابت مطالعو جاري رکندو اچان. فارسي، چيني، سرائيڪي، سنسڪرت ۽ ڪي ٻيون ٻوليون سکيم.



اُن سان گڏ سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي اُن سلسلي ۾ ٿري محاوري تي (ڊاڪٽرهدايت پريم سان گڏ) هڪ ڪتاب لکيم. جنهن کي ”ٿري ٻولي“ عنوان ڏنو ويو هو پر مراد محاوري (Dialect) جي هئي. اٿارٽيءَ هن سلسلي ۾ اُتر ۽ ٻين خطن جي محاورن تي هونئن ته گهڻي ڀاڱي موضوع تي تڪميل ڪئي، پر لاڙي ۽ ڪڇي محاوري لاءِ هاڻي مون کي حڪم ٿيو. هي پهريون ڪتاب ”لاڙي ۽ ڪڇي“ حاضر آهي.

منهنجي لاءِ هي موضوع دل کي ويجهو رهيو آهي ۽ مٿي ذڪر ڪيل ڪم سان گڏ 1975ع ۾ منهنجو ڪتاب ”لاڙ جي لغات“ به شايع ٿي چڪو آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ اُستاد العلماء، مشفق ۽ مهربان سائين مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ لکيو هو. هي پس منظر آهي موجوده ڪتاب جو.

منهنجو هي موجوده ڪتاب هڪ مختصر تعارف آهي. اڃا به محاورن تي تفصيلي روشني وجهڻ جي ضرورت آهي.

**والسلام**

**عبدالجبار**
17_10_07
شهريار منزل
بدين

# لاڙ
(مختصر تعارف)

اِهو چئي سگھجي ٿو تہ لاڙ هڪ مخصوص ثقافتي يونٽ آهي، ۽ سنڌ جي تاريخ، تهذيب، تمدن ۽ ثقافت سان ڳنڍيل آهي. جغرافيائي بيهڪ جي باري ۾ علم طبقات الارض جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ سنڌ سمنڊ مان پيدا ٿيل علائقو آهي (1). سنڌ ۽ هندوستان جو اُتريون حصو سمنڊ هيٺ هو ۽ ڏاکڻيون حصو خشڪيءَ رستي سلون، آسٽريليا ۽ ٻين ڏکڻ — اوڀر وارن ٻيٽن سان مليل هو. خاص طور لاڙ وارو ڀاڱو نسبتاً پوءِ پاڻيءَ مان ظاهر ٿيو (2)“.

”لاڙ“ لفظ جي معنيٰ بہ لڙيل يا هيٺيون ورتي ويئي آهي. ڪاڪي ڀيرو مل لاٽ مان ”لاڙ“ ٿيڻ جو بہ اندازو لڳايو آهي. جئن سنسڪرت جي ”لِلاٽ“، مان سنڌيءَ ۾ ”نراڙ“ ٿيو. جئن ”ٽ“ جو ”ڙ“ ۾ بدلجڻ.

سنڌ تي وقت بوقت ٻاهران حملا ٿيا آهن، اُنهن جو اثر سنڌ جي هر حصي تي پيو آهي. سياسي ۽ ثقافتي اثر سميت ٻولين جو بہ اثر پيو آهي. اهڙي اثر ۾ عربي ۽ فارسيءَ جو اثر اڄ بہ سنڌيءَ تي موجود آهي. اسلامي دور (712ع) جي ابتدا کان ئي هِتي درس و تدريس جو سلسلو شروع ٿيو، جيڪو مختلف مرحلن مان لنگهندو اڄ بہ موجود آهي. لاڙ ۾ مدرسن جو سلسلو رهيو ۽ اُن مان تعليم سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جي بہ اهميت رهي. عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ سوين ڪتاب تفسير، فقه ۽ ٻين اسلامي ۽ عمومي علمن بابت لکيا ويا.

سنڌي زبان مختلف دورن ۾ انقلابن جا نشان ۽ اهڃاڻ محفوظ رکيا آهن. لاڙ وارو ڀاڱو علم ادب ۽ تعليم جو مرڪز هجڻ سان گڏ سياست ۾ بہ نمايان رهيو آهي. ٺٽو ننگر سمن جو تخت گاهہ رهيو. سومرن حاڪمن جا آثار وڳهہ ڪوٽ، روپاهہ، محمد طور ۽ شاهہ ڪپور ۾ خاص طور ڏيان ڇڪائين ٿا. شاهہ حسن ارغون جي تاج پوشي نصرپور ۾ ٿي. ارغونن کان پوءِ مرزا عيسيٰ ترخان کي لاڙ وارو حصو مليو. تنهن کانپوءِ ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي حڪومت جو اثر بہ لاڙ ۾ وڌيڪ رهيو.



مِيان غلام شاهہ خان ڳاديءَ جو هنڌ حيدرآباد کي بنايو ۽ قلعو جوڙايو. ٽالپور حڪمرانن بہ حيدرآباد کي مرڪز بنايو. قديم زماني کان لاڙ جا سامونڊي بندر مشهور رهيا آهن ۽ سنڌ جي تجارت کي هٿي ڏني اٿن. اڳوڻي ضلعي نظام موجب حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعا لاڙ جي ايراضين ۾ ليکجن ٿا. هاڻي ضلعن جي تقسيم ٿي آهي پر لساني، محاوراتي ۽ ثقافتي ايراضيون اُهي ئي آهن. هاڻي بہ حيدرآباد، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو محمد خان، بدين ۽ ٺٽو ضلعو لاڙ ۾ ليکجن ٿا. پوءِ بہ لاڙي محاورو اُنهن ضلعن جي انتظامي سرحدن پار بہ موجود آهي.

هتي جيڪي فصل نمايان آهن سي آهن: ساريون، ڪمند، ٽماٽا، جوار، ڪٽڪ، ٻاجهري ۽ مڪائي وغيره. اُن کان سواءِ ڊالڊا، ڪيلا ۽ انب توڙي ڄمون، زيتون ۽ ٻيا ميوا اڇي وجن ٿا.

صنعتي طور بہ لاڙ جو علائقو ترقي ڪري رهيو آهي. ڪمند جي پوک سبب لاڙ ۾ شگر ملون آهن. ٻڍل ٽالپور ۾ شگر مل سان گڏ هڪ آٽو موبائل جو ڪارخانو بہ آهي. سارين جي پوک سبب فقط بدين ضلعي ۾ ڪيتريون ئي رائس ملون آهن. ڦليلي، ميرواهہ، قاضيا واهہ، پيڄاري، امام واهہ، گونگڙو، ٻاگو واهہ، لائينڊ چينل ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪئنال لاڙ جون زمينون سيراب ڪن ٿا. فصلن کي مختلف بيماريون بہ پونديون رهيون آهن. جيتن ۽ ڳڏر سبب اٽڪل 30-35 سال اڳ سارين جي فصل کي نقصان پهتو. 1963ع ۾ لاڙ ۾ لاڳيتو 28 ڪلاڪ تيز مينهن وٺو ۽ طوفان آيو جنهن کي مقامي طور ”ڇتو مينهن“ سڏيو ويو. ڪمند، ٽماٽن ۽ سارين سبب هاڻي لاڙ جي معاشي حالت بهتر آهي. تعليم جو خاص مرڪز بدين شهر آهي، جتي هاڻي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ڪاليجن کان پوءِ 2007ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو هڪ ڪاليج بہ کلي چڪو آهي.

لاڙ ۾ قديم آثار ۽ روحاني تڪيا بہ جام آهن، جن ۾ وڳهہ ڪوٽ، مڪلي، سُڏيرن جو ٺُل، پٽ شاهہ، جهوڪ، پنيور، حيدرآباد جو پڪو ۽ ڪچو قلعو شاهجهان مسجد، ملون حسن، تماچيءَ جي ماڙي، لنواري، حاجي ترابيءَ جو مقبرو، ميرن جا قبا، ڪيٽين جا قبا ۽ ٻيا آثار اڇي وجن ٿا. ڪيترين ئي درگاهن تي ميلا لڳن ٿا، جن ۾ ڀٽائيءَ جو

ميلو، شاهہ ڪريم ۽ شاهہ عنايت شهيد جا ڏهاڙا، ساجن سوائي، سمن شاهہ، شاهہ قادري، گل غيبي، مهر شاهہ ۽ امير پير اچي وڃن ٿا.

لاڙ ۾ ڪيئي قومون رهن ٿيون جن ۾ سيد، پير، سماٽ، بروچ، هندو، پيل، ڪولهي، ڪاريا ۽ مينگهواڙ اچي وڃن ٿا. لاڙي محاوري جو بنياد خاص طور سماٽ قوم جي تلفظ تي اڏيل آهي.

لاڙ ۾ رهندڙ قومن جي لباس ۾ بہ چڱي خاصي رنگارنگي آهي. جيتوڻيڪ نئين فئشن جي لاڙن چڱي تبديلي آندي آهي، پر تہ بہ روايت قائم آهي جا شادين ۾ نظر اچڻ لڳندي آهي. اُن سان گڏ غريب طبقو ڪنهن حد تائين روايتي لباس قائم رکيو اچي. سماٽ قومن ۾ زالون گربيءَ، سُوسيءَ ۽ مونڙي جون گهٽن سَرن واريون سلوارون پَهرين. سلوار کي لاڙ ۾ ڪانچ ۽ سٿڻ چون. گجَ ۽ بريءَ وارا چولا پهرين. گجَ هڪڙا لاڙاوان ۽ پيٽاوان ٿين. مٿي تي گندي (رئو) اوڍين. جيڪا ٻانڌڻي ۽ چُريل چُني هجي. اندر ٻاهر لاءِ مٿان اجرڪ بہ اوڍين. روايتي جُتي، ٽئونرن واري آهي جنهن کي مينگهواڙ ۽ موچي جوڙين. سوٽي يا پشم جا ٽئونر رکجن ٿا.

لاڙ وارن جو گذران پوک تي آهي. هاڻي مزوري بہ هڪ عام ذريعو آهي اُن لاءِ سهوليتون بہ موجود آهن، اُن ڪري مزور شهرن ڏانهن بہ اچن ٿا. لاڙ ۾ ڪي نہ ڪي قدرتي آفتون آهن ئي آهن ويجهڙائيءَ جي ڏهن سالن ۾ برساتن ۽ زلزلي گهڻو نقصان ڪيو. ٻاري، ڪاتي ۽ مزوريءَ سان گڏ مڇي مارڻ بہ هڪ اهم پيشو آهي. هنرمندن ۾ ڪنيار، واڍا، لوهار، رازا ۽ موچي اچي وڃن ٿا. شادي مرادي ۽ ٻي ضرورت لاءِ قرض بہ کڻن.

اِن صورت حال ۾ هاڻي قدري بهتري آئي آهي. ماڻهن جي روز مره جي زندگيءَ ۾ ڪجهہ معاشي سڌارو آهي. هن سڄي معاملي ۾ آدم جو وڌڻ ۽ تعليم ڏانهن گهٽ ڌيان سبب سماج ۾ ترقي جا پورا نتيجا نہ ملي سگهيا آهن. مٿان وري اڪثريت ويساهہ وسوڙيل آهي ۽ روشنيءَ جي سفر ۾ شامل نٿا ٿي سگهن. مال جي سار سنڀال ۽ چارڻ ۾ ئي ماڻهن جون زندگيون گُريو وڃن. لاڙ جي راندين ۾ وڏڪ ٻل، دريون، اِٽي ڏڪر، ڪير ڪير وٽي ۽ لڪ لڪوٽي، توڙي بلورن سان



ڪيڏڻ اچي وڃي ٿو. غريبن جا گهر ڪکاوان، ٻانڻ ۽ ڏير سان ٺهيل چونرا ۽ چونڪيون يا چنوڙا. مٿيءَ جو ليپو ڏنو نہ ڏني جهڙو، سگهڙزالون البت گهر جو پٽ راڳين ۽ ڪوشش ڪري گهر کي سهڻو رکن.

غريب طبقي جون وندرون ۽ رانديون بہ هوند تي آهن. ڪم تي وڃن تہ شام جو موٽن. وندرن ۾ بہ فرق اچي ويو آهي. لوڪ ادب جي صنفن بابت ڪچهريون هلنديون هيون. ڪچهرين ۾ نڙ بيت، ڳجهارتون، الغوزا ۽ نڙ ٻڌبا هئا. راندين ۾ ملهہ، ٻيلهاڙو ۽ پيس ڪوٽ عام هو. هاڻي بيشتر ماڻهو هوٽل بازي ڪن. ميلا بہ هڪ وندر آهي. ميلن ۾ مال جو وڪرو، ملهہ ۽ گهوڙن جي خميس عام آهي.

هٿيار پنهوار بہ اڳ لنيون، ڪهاڙيون، ڏُڪا ۽ گهوٻاٽا هئا. هاڻي پستول ۽ بندوق عام آهي. لاڙ جي ماڻهن جي هن جيوت جو عڪس ٻوليءَ ۾ نظر اچي ٿو.

## حوالا


1. Pithawala, M.B Marvels of Earth, P.51
2. Raverty, H.G. The Meharan of Sindh And its Tributaries, Calcutta, 1892, P P. 317,468-69.

# سنڌيءَ جي قدامت

زبانون ايتريون ئي قديم آهن، جيترو انسان قديم آهي. قديم انسان جي تخليق سان زبان ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ظاهر ٿي. اُها جنهن بہ ابتدائي ۽ نامڪمل روپ ۾ هئي تہ بہ اُها زبان يا ٻولي ليکي ويئي. اُن جي تخليق بابت ماهرن ڪي نہ ڪي نظريا ظاهر ڪيا. قديم ماڻهو (Primitive man) فطرت جي وڏيڪ ويجهو هو. اُن ويجهڙائيءَ ۽ رابطي هن کي ٻوليءَ ۾ بتدريج واڌاري طرف آندو. هو فضا ۽ فطرت ۾ پيدا ٿيندڙ آوازن طرف ڌيان ڏيڻ لڳو جن زبان کي درجي بہ درجي وجود ۾ آندو. لساني ماهرن اِن سلسلي ۾ مختلف نظريا پيش ڪيا آهن، جيڪي ٻوليءَ بابت لکيل ڪتابن ۾ موجود آهن.

اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ دنيا جي سڀني ڪندن جون زبانون قديم آهن ۽ هر هڪ جي پنهنجي ارتقاء جي هڪ ڊگهي تاريخ موجود آهي. عرب سياحن ۽ جاگرافيءَ جي ماهرن جا سنڌي زبان جي موجودگيءَ بابت رايا تہ جڻ ڪالهوڪي ڳالهہ آهي. هزار بہ هزار سال تہ ڳڻپ ۾ ئي نہ ايندا. حضرت عيسيٰ کان گهڻو اڳ سنڌو، ميسوپوٽيميا ۽ بين ويجهڙين تهذيبن جو دؤر هو. اُهو عروج جو دؤر هو. تهذيب ۽ ثقافت، تمدن ۽ زندگيءَ ۾ زبان جو مرڪزي ڪردار هو. موهن جي دڙي، هڙاپا، ٽئڪسيلا، گنڌارا ۽ ڏکڻ اوڀر ۾ اُتل جي سڀيتا قديم ڀارت ورش ۾ نمايان هئي. هن سلسلي ۾ اعتقادن ۽ عقيدن جو بہ اهم ڪردار آهي.

سنڌيءَ جي ارتقاء صدين تي محيط آهي. ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تصنيف "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" ۾ سنڌيءَ جي مختلف ارتقائي مرحلن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اُهي مرحلا يا دؤر آهن: قديم دؤر، بنيادي دور، تعميري دور ۽ علمي دور. انهن دورن دؤران سنڌ ۾ سنڌي يا ڪا ٻولي رائج ٿي، سنڌيءَ جي تشڪيل ٿي، ترقي ڪيائين ۽ ادبي حيثيت مليس. آخري دور ۾ علمي پد تي پهتي. هيءَ تقسيم ڊاڪٽر صاحب پنهنجي طرفان ڪئي آهي ۽ دليلن سان نهايت سهڻي نموني پنهنجو موقف بيان ڪيو اٿس.



ٻوليءَ کي ترقيءَ جي عمل مان لنگهڻ لاءِ لپي (Script) کپي. هن سلسلي ۾ قديم دنيا، خاص طور مصر ۽ چين ۾ تصويري (Pictographs) لفظن جو رواج رهيو آهي. اُنهن جو ذڪر هنٽر تفصيل سان ڪيو آهي. هتي موهن جي دڙي جي لپيءَ يا رسم الخط کي ڊاڪٽر پارپولا ۽ سندس ٽيم پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هاڻي چاليهن سالن کانپوءِ سنڌيءَ جي بهترين مترجم ۽ جاڪوڙي اديب جناب عطا محمد ڀنڀري هن لپيءَ کي پڙهڻ جي دعويٰ ڪئي. اُن جو ذڪر اخبارن ۾ بہ آيو ۽ ٽي وي پروگرام ۾ بہ چارٽ تي سمجهايائين. سندس خيال موجب ڪي تصويرون، اکر/ آواز/ سُر آواز يا وينجن آهن. اُن لاءِ ڪهڙيون ثابتيون آهن، تن جي دليلن سان سمجهاڻي ڏبي. آءٌ چين ۾ هڪ سال (1966ع) رهي چيني زبان پڙهيو آهيان. مون چيني لفظ (Words) پڙهيا. اُهي تصويرن جي آڌار تي مڪمل ٺهيل نڪيل لفظ ئي آهن. نہ الف ب آهن نہ اکر/ آواز/ (Letters) يا ٻيو ڪجهہ! تصويري انداز جي نظام ۾ ڪنهن بہ طرح الف - ب يا آواز (سُر ۽ وينجن) ڳولهڻ اجايو عمل آهي. اڄ دنيا ۾ فقط چين ۽ جپان ۾ هي تصويري لفظ رائج آهن. جپان ۾ ڪي نشان بہ آهن جيڪي زائد آهن. نہ تہ چيني ۽ جپانيءَ ۾ تحريري لفظ ساڳيا آهن، پر اُچار جدا جدا اٿن. مثال طور لفظ جپان ٻنهي زبانن ۾ لکبو هڪجهڙو پر اُچاربو ريڀن (چيني) نِپان (جپاني).

بهرحال زبانن جي ارتقا ۾ لکت جو اِن سلسلي ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. سنڌيءَ جي لپين جي باري ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پنهنجي ڪتاب "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ" ۾ تفصيلي ۽ مدلل بيان ڪيو آهي.

ٻوليءَ جي لکت واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. اُن ڪري لکت جي بہ اهميت آهي؛ پر ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ ٻيون بہ اهم ڳالهيون ڳڻجن ٿيون. اُن سلسلي ۾ آبادي ۽ اُن جي سماجي ترقيءَ جو بہ هٿ آهي. تمدن ۽ تهذيب ٻوليءَ جي ترقيءَ جا ٿنڀا آهن. سنڌيءَ جي ارتقاء جا مختلف دؤر آهن. انهن جي دؤران مرحلہ وار ترقي ڪئي اٿس. 712ع کان عرب راڄ سان سنڌيءَ تي عربيءَ جو اثر پيو ۽ مختلف روپن ۾ عربي رسم الخط اختيار ڪيو ويو. خاص طور عالمن اُن خط ذريعي قرآن، تفسير،حديث ۽ فقهہ بابت ڪتاب لکيا. اُن سلسلي جي تاريخ اُن

وقت تائين مرتب ٿي نہ سگهندي جيستائين عرب دؤر جي ابتدا کان ونئي تحرير ڪيل ڪتاب هٿ نہ ايندا. البت اهڙن ڪتابن جو ذڪر ڊاڪٽر بلوچ جي تصنيف ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ ۾ موجود آهي جيڪي اندازاً اڄ کان ڇهہ- ست سؤ سال اڳ لکيا ويا آهن. اُهي مذهبي ڪتاب آهن ۽ ڪن ٻين موضوعن تي بہ آهن. اُن کان اڳ اندازاً يارهين صدي عيسوي کان ڪي سنڌي شعر بہ هٿ آيا آهن جيڪي سنڌي ادب جي تاريخ جو ڄڻ منڍ آهن. اُتان ادبي تاريخ جي ابتدا ڳڻجي ٿي. ذڪر ڪيل مذهبي ڪتاب ۽ ابتدائي سنڌي شعر هڪ علمي ادبي دؤر جي پيڙهہ جو پٿر آهن. اُن ڪري چئبو تہ گذريل هڪ هزار سالن کان سنڌي زبان موجوده روپ ورتو ۽ اُن کان اڳ جو علم و ادب پراڻي لپيءَ جي ڪري اونده ۾ رهجي ويو.

انسان ۽ ٻي مخلوقات جو جنم ونڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جو هڪ ارتقائي عمل آهي تئن زبان بہ هڪ ارتقائي عمل مان لنگهندي اڳتي وڌندي رهي ٿي. هيءَ ارتقا ۽ تبديلي فطري آهي.

تبديلي ترقيءَ لاءِ آهي يا بگاڙ لاءِ؟ ڪنهن حد تائين ڪي لفظ ۽ نحوي بناوتون بگاڙ ڏانهن بہ وڃن ٿيون. عوام جي زبان رابطي واري ٻي زبان ۽ ميڊيا جو اثر وٺي ٿي. ميڊيا ۾ هاڻي موبائيل فون بہ شامل ٿي ويئي آهي. هٽ هٽ ۾ موبائل فون پهچي ويئي آهي. ان حد تائين جو اوهين رات جو ڪنهن رستي تي هجو تہ اوهان کي ٻنهي پاسن کان ٻنين ۾ کُڙڪٻيتا موبائيل فون جي صورت ۾ چمڪندا نظر ايندا ۽ سنڌ جا ماڻهو موبائيل فون جي سحر ۾ وڪوڙيا نظر ايندا. زبان تي اِهو بہ ڄڻ هڪ نئون اثر آهي.

هن اثر جو دائرو قديم دؤر کان ڳڻجي تہ هڪ حوالو نئون بہ ذڪر ڪرڻ جهڙو آهي. ڊاڪٽر محمد رضا ملڪ جيڪو ايران جو اسڪالر آهي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ 93-1994ع ۾ رهي چڪو آهي. اُن سنڌي ادب بابت بہ ڪي مقالا لکيا آهن، جيڪي شيراز يونيورسٽيءَ جي ببليو گرافي ۾ شامل آهن. تازو 2007ع ۾ هن بہ ننڍا ڪتاب موڪليا آهن، جن ۾ فردوسيءَ جي شاهنامي مان ”داستان رستم و سهراب“ ۽ ”داستان رستم و اِسفنديار“، مان



پوئين ڪتاب ۾ هن شاهنامي ۾ سنسڪرت ۽ سنڌي لفظن جي هجڻ جو مثالن سان ذڪر ڪيو آهي. اُهي لفظ تمام گهٽا آهن. مثال طور پالڻ ۽ مرڻ وغيره (ص 12). هن مان قديم زماني (چوٿين صدي هجري) ۾ سنڌي زبان جي ايران طرف پهچ جي خبر پوي ٿي. سنڌي زبان ۽ ادب بلڪ سنڌ سان سندس محبت جو اندازو ٿئي ٿو جو هو پنهنجي نالي سان مهراني (مهراڻي) لفظ شامل ڪري ٿو.

سنڌيءَ جي قدامت ۽ بڻ بنياد بابت لسانيات جي ماهرن اڳ ۾ تفصيل سان لکيو آهي، اُن ڪري هن مختصر جائزي کان پوءِ ايندڙ عنوان ڏانهن اچون ٿا.

باب ٻيو

# محاورا

اسين ”ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي“ چئون ٿا، پر دنيا جي هر خطي، انتظامي پرڳڻي، ضلعي يا طبعي ايراضيءَ ۾ مفاصلي جي ڪري ٻولي ٻي يعني محاورو (Dialect) ۽ ننڍو محاورو (Sub-dialect) موجود آهي. هڪ جو ٻي ايراضيءَ سان فرق هڪ حقيقت آهي، ڪو ٻوليءَ جو بگاڙ نہ آهي. لساني جاگرافي (Linguistic Geography) هن موضوع تي قابل قدر روشني وجهي ٿي. سنڌيءَ ۾ لساني يا لسانياتي جاگرافيءَ تي ٻہ ڪتاب نشانبر آهن. اُهي آهن: ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“ (1979ع) ۽ جناب محمد عمر چنڊ جو“ لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون“ (1985ع). محمد عمر چنڊ جي ڪتاب جو پهريون ڀاڱو خاص طور، ڊاڪٽر الانا جي ڪتاب ۾ آيل ڪن نُڪتن جي چنڊ ڇاڻ جي باري ۾ آهي. هُن جو چوڻ آهي تہ لساني جاگرافي زير بحث زبان جي اندر ئي ايراضي وار تبديليءَ سان لاڳاپيل آهي نہ ڪ اُن جي سرحدن ڪان ٻاهر پاڙيسري ٻولين جي باري ۾ بحث ڪرڻ. محمد عمر چنڊ، مئڪ ڊئوڊ جي ڏنل وصف جو حوالو ڏي ٿو (1) اِن ريت محاوري جي باري ۾ بہ حوالن سان پنهنجي راءِ قائم ڪري ٿو (2). هن نُڪتي جي ڇنڊائي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هن ريت ڪئي آهي:” ڪنهن بہ ٻوليءَ جي اُپياشائن، اُن جي آوازن جي خاصيت ۽ ويا ڪرڻي بيهڪ ۾ جيڪو تفاوت آهي، سا آهي لسانياتي جاگرافي (3).

لسانياتي جاگرافي زبان جي مختلف محاورن ۽ ننڍن محاورن جي اڀياس ۾ مددگار ثئي ٿي. سرحد پار اڀياس ڪرڻو آهي تہ بہ سنڌي زبان جي ٻاهر اڳ موجود ۽ پوءِ ويل (جئن ڀارت ۾) محاورن جو اڀياس ڪجي. ڀارت ۾ سنڌي (اُتر-لاڙ) سڀ گڏجي مسجي ويا آهن ۽ ٻي صورت حال آهي.

لهجي (Accent) ۽ محاوري (Dialect) جو فرق سمجهڻ بہ ضروري آهي. اِن نُڪتي تي بہ حوالن سان چنڊ صاحب ۽ ٻين محققن بحث ڪيو آهي. لهجو ڳالهائڻ جي ڍار ڪي محاورو ٻوليءَ جي فرق کي ڏسي قائم ڪبو آهي. ايراضيءَ جي فرق جي قطع نظر اِهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪي بہ ٻہ ماڻهو هڪ جهڙو نٿا ڳالهائن (4). ڪنهن جي ذاتي اُچار کي (Idiolect) چئجي ٿو. هڪ محاوري جي حد کي ٻئي محاوري جي حد کان جدا ڪرڻ لسانياتي نقشي تي ليڪون ڏيڪارين ٿيون، اُنهن کي Iso Glosses سڏجي ٿو (5).

هر زبان اُچارن جي باهمي فرق، جملن جي صرفي ۽ نحوي تبديليءَ سبب ڪيترن ئي وڏن ۽ ننڍن محاورن ۾ تقسيم ٿيل هوندي آهي. اِهو هڪ فطري عمل آهي ۽ اُن جي لسانيات ۾ گنجائش آهي. محاورا، هڪ ٻئي جي ايراضين ۾ بہ ماڻهن کي سمجهہ ۾ ايندا آهن. ڪي اهڙا بہ وسيع ايراضيءَ وارا ملڪ آهن، جن جا محاورا سمجهہ ۾ نہ ايندا آهن. جئن چين جتان جي ڏکڻ چيڙي جو ماڻهو ٻئي دور دراز علائقي جو محاورو نہ سمجهي سگهندو آهي. چين ۾ اٺ وڏا ۽ ويهن کان وڌيڪ ننڍا محاورا آهن. پي چنگ (Peking) گاديءَ جو هنڌ آهي اُن جي محاورو سُرن جي ڇِٽائيءَ سبب سڄي ملڪ ۾ ۽ ٻاهر ويل (Overseas) چينين لاءِ بہ سمجهہ ۾ اچڻ وارو هوندو آهي پي ڇِنگ جو محاورو معياري ليکجي ٿو. هن سلسلي (يعني معياري محاوري) جي باري ۾ پروفيسر رابنس لکي ٿو: تہ ”معياري محاوري جي اصطلاح مان ڪا غلط فهمي نہ ٿيڻ کپي. اهڙا گفتگو جا طريقا تشابهتي طور محاورا ئي هوندا آهن. بلڪ ٻين محاورن وانگر جن کي جيڪر سماجي ۽ سرڪاري طور محدود ڪجي ۽ گهٽ بيان ڪجي (6) ڪي ماڻهو ڪن محاورن کي گهٽ سمجهن ٿا. ائين بہ ناهي.

بلومفيلڊ جي راءِ موجب معياري محاورو حقيقت ۾ پراڻو نہ هوندو آهي. بلڪ مقامي محاورن مان ڪن تاريخي اهميت وارين حالتن هيٺ اُسرندو آهي (7). ائين انگريزيءَ جا مختلف محاورا آهن. جن ۾ مختلف صوبن ۾ فرق آهي (8).

موجوده سنڌ جون سرحدون ماضيءَ ۾ وسيع هيون. اُن ڪري سنڌ کان ٻاهر بہ سنڌيءَ جو دائرو وسيع ٿيو. اُن کان پوءِ ورهاڱو ٿيو تہ سنڌي ڀارت ۾ بہ پکڙيا. بلوچستان ۾ سنڌيءَ جا اهم محاورا آهن: کيتراني، فراڪي، جدگالي، گوادري، اورماڙي ۽ لاسي، پنجاب جي

سرحد سان اُتر ۾ ماڇڪو محاورو آهي. ڏکڻ ۾ ڪڇي، ۽ ميمڻڪي محاورا آهن. انهن جا ڳالهائيندڙ ڪڇ ۽ سنڌ ۾ رهن ٿا.

لاڙي محاورو، وچولي سنڌ، ٿر، ڪڇ ۽ اولهه ۾ ڪراچي، لس ٻيلي ۽ پس گردائيءَ جي محاورن جي وچ ۾ اچي ٿو. اُن ڪري چوگرد موجود آهن.

سنڌيءَ جا ٻه وڏا ۽ مد مقابل اُترادي ۽ لاڙي محاورا آهن.

## سِريلي يا (اُترادي)

هي محاورو اُتر سنڌ (سِرو) جي مناسبت سان نشانبر آهي. هي عام طور اُتر جي ضلعن سکر، گهوٽڪي، خيرپور، لاڙڪاڻو، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ دادوءَ ۾ مروج سمجهڻ کپي. ڪنهن وڏي محاوري وانگر هي به ننڍن محاورن (Sub-dialects) ۾ ورهايل آهي. هن سلسلي ۾ اڃان باريڪيءَ سان ڪم نه ٿيو آهي جو طئه ڪجي ته ننڍن محاورن جون حدون ڪهڙيون آهن. ڪاڪو ڀيرومل، ڊاڪٽر ٽرومپ جي حوالي سان لکي ٿو. "سريلي ٻوليءَ جا اُچار چٽا آهن. اُن جا سُر آواز (Vowels) اُچارن کي چِٽو ۽ نمايان ڪن ٿا. اُن جو مثال هي ڏيئي سگهجي ٿو ته اُتر (سِري) ۾ چئبو "چيائون" ته لاڙ ۾ اُن جو اُچار "چئون" آهي، ايئن ئي ٻيا ماضي فعل اُچاربا، جئن ڪَئون، ڪئون وغيره. هڪڙو فرق هنن ٻن محاورن ۾ هي به آهي ته اُتر (سِري) ۾ اَ/ آ سُر آواز لاڙ ۾ اِ/ اِي اُچارجي ٿو:

| سِرو | لاڙ |
|---|---|
| جَن | جِن |
| تَن | تِن |
| ڪَن | ڪِن |
| جاتي | جِتي |
| تاتي | تِتي |
| ڪاتي | ڪِتي |

ڀيرو مل اُتر جي تلفظ کي صحيح ڄاڻي ٿو (9). منهنجي خيال ۾ هي محاورن جو فطري فرق آهي. اُتر جي ڪن وينجنن (Consonants) جهڙوڪ ڊ- ڍ ۽ ٿ ۾ ر جو آواز اُچارجي ٿو. جئن ڊر- ڍر ۽ ٿر. اِملا



۾ 'ر' لکجي ڪونه ٿو. ڪن وينجنن جي باهمي تبديلي به گفتگو ۾ ملي ٿي. مثلاً ش ۽ چ جي تبديلي شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جي آسپاس ملي ٿي:

| | |
|---|---|
| شِڪارپور | چِڪاپور |
| مِچي | مَشي |
| مَچر | مَشر |
| چورو | شورو |
| شايد | چايد |

سِريليءَ ۾ عدد جمع، واحد پنيان "آن" ملائڻ سان ٺهي ٿو ۽ لاڙي ۾ "اُون" ملائڻ سان ٺهي ٿو. مثلاً:

| واحد | جمع (سِرو) | جمع (لاڙ) |
|---|---|---|
| ڪارڪ | ڪارڪان | ڪارڪون |
| ٽَنگ | ٽنگان | ٽنگون |
| سَڙڪ | سڙڪان | سڙڪون |
| ويگن | ويگنان | ويگنون |
| رن | رنان | رنون |

ڪيترن اِسمن ۾ اُتر ۽ لاڙ جي جمع جو صيغو هڪ جهڙو آهي. جيئن: ڪتاب- گهر- هٽ ۽ ٻڪري وغيره. واحد مان جمع ٺهڻ لاءِ سِريليءَ وانگر سرائيڪي، پنجابي، ۽ فارسيءَ ۾ به "آن" پڇاڙي اچي ٿي. اُن ڪان سواءِ اُتر جي مقابلي ۾ لاڙي اُچار ۾ لفظن جون پڇاڙيون 'پيش' بجاءِ 'زبر' سان اُچارجن ٿيون يا ڪٽي ساڪن آهن:

| سِريلي | لاڙي |
|---|---|
| ويهُ | ويهه |
| گهرُ | گهر |
| اُٺُ | اُٺ |
| ڳڻُ | ڳڻ |
| واڳڻُ | واڳڻ |

جمع جي صيغي ۾ اُچار ساڳيا آهن: هَٿَ- هَٿَ، گهَرَ- گهرَ ليکَ – ليکَ وغيره.

صرف و نحو جي خصوصيتن جي مدنظر سِري جي محاوري جا ٻيا ڪي اهم نُڪتا هي آهن:

جنس: ڪي لفظ جيڪي ٻين محاورن ۾ مذڪر اسم آهن، سي سِري ۾ مونث ڪري اُچارجن ٿا. مثلاً: رَتَ نڪتي آهي.

فعلن جون پڇاڙيون نون غني جي آواز تائين ڪونہ ٿيون پهچن. مثلاً: ايندا‌سين - ڪنداسين بدران چون ايندا‌سي_ ڪنداسي.

مضارع: 'ڪريان' جي 'ر' گم ٿئي ٿي. مثلاً: 'ڪيان.'

زمان حال استمراري ۾ وچولي ۽ لاڙ ۾ "آءٌ اچان پيو" چون؛ پر اتر ۾ چون 'مان اچان ٿو پيو'.

زمان ماضي مطلق ۾ چون "هُو وَيو آهي." پيرو مل چوي ٿو تہ زمان حال ۾ وَڃڻ جي واو تي زبر آهي اُن ڪري ماضيءَ جي صيغي ۾ بہ واو تي زبر قائم رکڻ صحيح آهي.

ماضي معطوفيءَ جو جملو: 'ماني کايو اچان ٿو' بدران چون 'ماني کايون اچان ٿو'.

اهڙي طور اسم مفعول ۾ ڳايو کي ڳاتو چون. سِريلي محاوري ۾ اسم تصغير جو رواج گهٽو آهي. مثلاً: پاءُ- پائِڙا، هتي- هتڙي. وچولي ۽ لاڙ ۾ ڙو پڇاڙي بہ ڪتب اچي ٿي. . جئن: ننڍڙو، ٻارڙو وغيره.

هي فقط ڪي خصوصيتون آهن ۽ ڪن لفظن جي تلفظ جي ڳالهہ آهي. هڪ مڪمل محاورو پنهنجي اندر فطري سونهن جو حامل آهي. اُچار ئي هڪ محاوري کي قائم ڪندڙ آهن. اُن ۾ ڪا بگاڙ ۽ سڌار جي ڳالهہ نہ هوندي آهي. پڙهيل طبقو لکپڙه معياري محاوري ۾ ڪندو آهي.

## وچولو (يا ساهتي) محاورو:

اُتر ۽ ڏکڻ سنڌ جي وچ واري ايراضي وچولو سڏجي ٿي. اُن ۾ نوشهري، پِرين واري ايراضيءَ کي ساهتي بہ سڏجي ٿو. پيرومل هن ايراضيءَ جون حدون ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ: "ڪنڊياري ۽ دادو تعلقن جي



اُتر واري پاڳي ڪان وٺي هن جون حدون ڪوٽڙيءَ تائين آهن (10). وچ ۾ هجڻ ڪري هن محاوري جي اُچارن ۾ وچٽرائي ۽ توازن آهي. هن تي اُتر ۽ لاڙ جي اُچارن جو ٿورو ٿورو اثر بہ آهي. هن محاوري کي نوشهري ۽ سيوهڻ جي علمي مرڪزن جي ٽيڪ آهي. ڪي خاص لفظ آهن: لڳلڳو (لغلام- ترٽي)- ڏوڪڙ (پئسا)- ڪوڙ (گهٽو).

### ڪي اصطلاح هي آهن:

- ڊيري جو ڪمي هئڻ (مفت ۾ ڪم ڪرڻ).
- پنجوءَ جي پڻ ساڻ هئڻ (واجبي ڪان وڌيڪ گهرڻ)
- ۽ پنجوءَ جا پنج ڪُٽڻ (ٻارهوئي ڪوٺ).

### وچولي جا پهاڪا ڪي هي آهن:

- ڦُلوءَ واٽئي رات وهاٽي، ڳالهين ڪندي ڳوٺي ڪاٽي.
- اهڙي جُٽ ڪيائين جهڙي ٻُرڙي ڪئي ٻارن سان.
- چٽي چنيجن جي پرڻ تي پيئي.
- ٻُرڙي پئي نہ ٻاجهہ، پر ۾ ٿو پاءُ مري.
- ٻيو هرڪو اچٽو وجٽو پَمُو ٽاٽائي (11).

وچولي جي ٻولي متوازن آهي. هن ايراضيءَ ۾ مشهور ليکڪ ديوان ڪوڙومل چندن مل ڪلناڻي پريا واسي ٿي گذريو آهي. هن محاوري جي اپياس ۽ پنهنجن ڪن پيارن دوستن جي ڪري آءٌ هن علائقي ۾ پرين. ڪاهي قاسم ۽ نوشهري گهٽو ويو آهيان.

## ڪڇي محاورو:

ڪڇ اڄ ڀارت جي گجرات صوبي ۾ هڪ ضلعو آهي. اڳ هڪ رياست هئي جِت راجا (راءُ) راڄ ڪندو هو. لاڙ ۽ ڪڇ جا سياسي، سماجي، مالي، ثقافتي ۽ ادبي لاڳاپا گهرا رهيا آهن. محمد سومار شيخ جو ڪتاب "ڪڇين جا قول" ۽ ٻيا اڻ ڇپيل ڪتاب اُن جو واضح ثبوت آهن. ڪڇي محاوري تي ڊاڪٽر بلوچ جو هڪ مقالو بہ شايع ٿيل آهي. ڪن حلقن موجب ڪڇي هڪ جدا زبان آهي، پر سنڌيءَ جو هڪ محاورو هجڻ جا ڪئين ثبوت موجود آهن. صرف ۽ نحو جو اپياس هن سلسلي ۾ اهم آهي. هيٺيان جملا مطالعي لائق آهن:

آءٌ وَجان ٿو (سنڌي)

آءٌ وِجان تو (ڪڇي)

اوهين اَچو (سنڌي)

آئين اَچو (ڪڇي)

بابا بصر وٺي اچ (سنڌي)

ٻاوا ڏونگھري ڳنهي اچ (ڪڇي)

هو ماني کائڻ ايندو (سنڌي)

اُه ماني کيڻ اچيندو (ڪڇي)

ڪڇي، بدين ۽ لاڙ جي ٻين شهرن ۾ رهن ٿا. مٿيون مائٽيون ٻه ٿيون آهن. ڪاڪو ڀيرومل ”ڪڇي“ لفظ جو بنياد سنسڪرت مان ڄاڻائي ٿو. جنهن جي معنيٰ ڪنارو يا ڪنڌي آهي. ڪڇ هڪ اُپٻيٽ آهي، ٽن پاسن کان سمنڊ اٿس (12). ڪڇيءَ کي اڪثر ڪڇڪي ٻه سڏجي ٿو. ڪڇ ستين صدي عيسوي ڌاري سنڌ جي هٿ هيٺ رهيو آهي. سنڌ حڪومت جي اثر ڪري سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ تائين رهيو. ڪيترين ڳالهين ۾ لاڙي ۽ ڪڇي محاورا قريب آهن.

مثال طور: سُر آواز (vowel) کي سُسائڻ- جيئن: ”ورتائين“ بدران چون ”ورتئين“.

وسرڳ کي اوسرڳ ڪرڻ: جيئن ”ڪنهن“ بدران ”ڪين“ ۽ ”گھر“ بدران ”گر“ چون.. ڪٿي حرف صحيح ٻه نہ اُچارين. جئن اِتان، تِتان ۽ ڪٿان کي اِئان، تِئان ۽ ڪئان چون. شاه جي ڪلام ۾ ٻه اهي صورتون موجود آهن.

- ادا اِئائين، ڪو ويو سات سڄڻ جو.
- ڪئان سڪئين سپرين، ڪا سائڪي ڪار.

جمع جي صيغي ۾ اسمن پويان ”اين“ ملائڻ جي عادت ڪڇي ماڻهن ۾ آهي جئن: گھر جو جمع گھرين، ماڻهوءَ جو ماڻئين (ماڙئين)، جانور جو جناورين (زناورين) ڪجي ٿو. ضمير ”پاڻ“ کي پندر (پنڊ) چئجي ٿو.



شاه جي رسالي ۾ ٻه ڪڇي لفظ آهن. تمر فقير ڪڇ ۾ وڃي رهيو هو. اُتي رسالي جا قلمي نسخا جتن ۽ ٻين فقيرن وٽ آهن. رسالي ۾ هڪڙو مثال ڪڇيءَ جو هي آهي_

لک لاڪيڻو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڳڌوم،
اڳڻ سونهن سندوم، ملھ مهانگو م چئو.

ڪڇي محاوري جا ڪيترا لفظ لاڙيءَ ۾ ٻه رائج آهن- مثلاً: ڏونگھري (بصر)، ڊينگلو (پئسو) ۽ ٻائڙي (زال) وغيره. ائين اسمن سان گڏ فعل ۽ ضمير ٻه هڪ جهڙا آهن. گھڻا لفظ معياري اُچار کان ڦريل آهن. جئن: مؤز (موج)، گريب (غريب)، ۽ واڪُب (واقف)

کي انوکا لفظ ٻه ڪڇي محاوري ۾ آهن. مثلاً: ڦڳائڻ( اُڇلڻ)، رونسڻ (مارڻ، مٿيءَ ۾ دسڻ)، جهمڻ (کائڻ) ۽ ڏيس (وٿو).

اڄ ٻه ڪڇ ۾ سنڌيءَ جو چالامان آهي. اديب عربي- سنڌي لپيءَ ۾ ڪتاب لکن ٿا. انهن ۾ ڪلاڌر، گھنشام ۽ ٻيا ٻنيءَ مان ادبي ڪتاب شايع ڪن ٿا. ڄيني لعلواڻيءَ ”ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت“ عنوان سان پي ايڇ ڊي مقالو لکيو آهي. اُهي لوڪ گيت گھڻي ڀاڱي سنڌي گيت، ڀڃن ۽ ڪافيون ئي آهن. هنن دوستن احمد آباد ۽ ٻين شهرن ۾ ملاقاتن ۾ ٻڌايو تہ ٻنيءَ ۾ اٽڪل چاليھ وڏا ڳوٺ آهن. جن ۾ سنڌي ۽ ڪڇي ڳالهائجي ٿي. نہ ڪڇي ماڻهو ۽ نہ ڪڇي محاورو سنڌيءَ کان ڌار آهي.

## ٿري محاورو:

لاڙ وانگر ٿر ٻه هڪ ثقافتي ايڪو (cultural unit) آهي. لاڙيءَ وانگر ٿريءَ ۾ ٻه اوسرڳائي آهي، جنهن، تنهن، ڪنهن ۽ ڪڏهن کي جين، تين، ڪين ۽ ڪڏين ڪري اُچارين. خاص اسمن کي اُچارڻ جو ٻه ٿرين وٽ پنهنجو منفرد طريقو آهي، جو ڪڇيءَ سان مشابھ آهي. آچار کي آچاريو، سومار کي سوماريو، بچل کي بچو، بچيو ۽ ٻيجل کي ٻيجليو- ايستائين جو محمد نالي کي ٻه مامون، ماموڙو ۽ مامديو ڪري اچارين. ضميرن ۾ پنهنجو کي پانجو، صفتن ۾ ٻه لاڙ سان هڪجهڙائي آهي. چڱو کي چون ڪاشو. ڪمتر کي چون لانئون. ٿر ۾ فعلن جي صيغي ۾

۽ هڪ منفرد سرشتو رائج آهي. اُن هيٺ مقامي صورتون نهن ٿيون. ماضيءَ جي صيغي ۾ اڏيو، ٻڌو، ماريو ۽ ڦٽيو جون صورتون آهن: اڏاٽو، ٻڌاٽو، ماراٽو ۽ ڦٽاٽو. ويو بجاءِ چون وَهيو. مثال: هو وچينءَ ٽاٽي وهيو مِنيءَ. ٽر کي مقامي لفظن جو هڪ چڱو ذخيرو پنهنجو آهي. مثلاً:

| سائيڪو | سٽ پُرهه اونهون ڪوه |
|---|---|
| پاروڙي | ڪٽي |
| دونس | ڪنگهه |
| تونس | اُڃ |
| چس | مزو |
| آرساٽو | سُستي |
| ڦدولي | اجائي ڳالهه |
| آهار | ڪاڏو |
| ٽاجا | جاءِ اوطاق |
| سَل | ٽُنگ |
| ساڏوهي | چار- ڪبڙ |
| دائي | وعدو پروگرام |
| اُنو | ونو |

انهيءَ کان سواءِ ٻه ٽري ادب ۾ لوڪ گيتن ۾ رائچند، منگهارام اوجها، محمد عثمان ڏيپلائي، محمد عثمان اديب، ثريا سوز ۽ ٻين اديبن ٽري ماڻهن ۽ ٻوليءَ لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيو آهي.

## لاسي محاورو:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول"، لس جي محاوري ۽ ادبي ذوق لاءِ هڪڙوئي بس آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو: "ٻيلي جي ٻولي پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ موجب مختلف زبانن جي ميزبان ٿي رهي آهي. انهيءَ ڪري منجهس لغوي جاذبيت جهجهي آهي (13). لس ٻيلي جو (لاسي) محاورو پنهنجي ڏکڻ واري لاڙي محاوري سان ڪنهن حد تائين ربط ۾ آهي؛ پر ته به هن ۾ اڪثر رواجي حرڪات کي وڏايو وڃي ٿو. "نه ته" کي "ناتي" ڪري ڪم آڻجي ٿو.



جئن ڪبير شاهه ٿو چوي:

ڪا ڪَل پيم ڪانهه وڃڻ جي
ناتي هوت آءٌ هوشاري هئي (14)

ڪبير شاهه، سنڌ جو شاعر هو ۽ هتان ڪَهي ٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم سان مارڪو (معرڪو- مقابلو) ڪرڻ ويو هو. لاسي محاوري ۾ ٻه اوسرڳائي موجود آهي. 'تنهنجي' بدران 'توجو'، 'ٻاجهه' بدران 'ٻاجَ' چون. ڪن لفظن ۾ زائد نون جو آواز ڪين ٿا. 'ساجهر' بدران 'سانجهر' ۽ 'ستر' کي 'سنتر' چون. 'و' ڪن لفظن ۾ "ٻ" سان بدلجي ٿو ۽ ائين وينو بدران ٻينو چون. 'ي' ٻه اڪثر 'ج' ۾ بدلجي. جئن ياد بدران جاد چون ( لاڙ ۾ زاد ٻه چون). يتيم کي جتيم چون. اِهو ٻه لاڙي محاوري ۾ آهي. اڪثر 'ذ' ٻه 'ج' ۾ بدلجي ٿي. مثلاً ذات کي جات چون. (ويندي ڏانهن پرين، جُتي جات نه پائيان_ شاهه لطيف).

فارسي لفظ چشم کي شاعرن چم ڪري ڪم آندو آهي. چمڙي جي مشڪ ۾ پاڻي وجهن ته اُن کي اوئي چون، جي ڪير وجهن ته ان کي ايزڪ چون (15). لاسي محاوري جون ڪي نحوي خوبيون، بلوچستان جي سنڌي محاورن سان ملن ٿيون، جن ۾ ڪيتراني فراڪي ۽ بغدالي اچي وڃن ٿا.

مخصوص لفظ هن محاوري جي انفراديت کي ظاهر ڪن ٿا. ڪي لفظ معنيٰ سميت هي آهن:

| | |
|---|---|
| اَسُت | لسي |
| اِڇون | ڦٽل لسي |
| تَسُو | ذرا |
| پانديو | بهادر |
| پانواٽو | مقابلو |
| چمر | ڪڪر |
| ساپُرس | چڱو ماڻهو |
| سَلو | پيچرو |
| مَزار | شينهن |
| منگٽي | ڏيڏري |
| پيداوار | مشهور |

| | |
|---|---|
| ڏاج | فصل |
| ڇيھ | ڪنوڻ |
| ڇيھل | ھَرڻ |
| ڪُڙھو | ھمت وارو |
| اَئِي | ٻڪري |
| اُڇڻ | اُٽڻ |
| آڳارڻ | خرچ ڪرڻ |
| ٽَر | تڏھن |
| ڇيرو | باھ |
| خاصو | چڱو |
| ماھندا | مھندان-اڳيان |
| پي ما | پيءُ ماءُ |
| ھستي | ننڍو پلاڻ (اُٺ جو) |
| گورم | ڍڳين جو ڌڻ |
| ڪيراگ | اُھو ڌڻ جنھن ۾ رڍن ڪان ٻڪريون گھٽيون ھجن |
| سَرڇو | سائو- آباد |
| اَرڇو | ڏکيو، سڃو ۽ ڏُليل |
| لوھيون | ڪلون |
| وانر | باندر |
| ڳيڙو | برسات |
| وانڍيا | وانڍا، بي اونا |
| مُھرڻ | وھٽ جو پاڻي پيئڻ |
| ميڙياند | ڪير جي ڏُھائي |
| مَر | ميراڻ |
| پُڇَ | ڪپڙا، لٽا |
| ڇيڇ | پيٽ |
| ھڏ پينو | ھڏ ڳنل |
| اَڏوڪر | جبل جا اڏ ڪپر |
| ڳِڊو | سور |



| | |
|---|---|
| ماچاندِ | واڙو |
| جھڪون | پوڙھيون، اَپريون |
| اوڃا | ڏاس مان نھيل فراسيون |
| جول، گريٽا | ڏاس مان نھيل ڳوٽيون |
| مُرنيون | ڪٽيون |
| ڳِج | گھنج |
| ڳِمر | نشو ڍؤ |
| ٻِزو | ڄمڻ وقت ڏنل خوراڪ |
| اَڪورو | ٻاڪرو |
| پاھو | ريڍو |
| پَھون | ٻڪريون |
| ڪُوڪيون | ننڍي ٻچ واريون رڍون |
| بڊي | ڳوٽري |
| ٻُٽا | ڍُڪَ |
| ڌڙڪي | رلي |
| مائي | واقعي جا يادگار |
| نِنڌ | بخيل |
| ٿمڻ | لڪائڻ |
| ٿاڏ | ڳئون |
| نمرو | تندرست |

شعرن، ڳجھارتن ۽ لوڪ ادب جي صنفن ۾ لاسي ۽ ڪوھستاني لفظ گھڻو استعمال ٿيا آھن. شاھ جي ھيءَ وائي لاسي محاوري جو ھڪ منفرد مثال آھي.

وسان ٿي وياس، لڳمر ٻاڻ ٻروچ جو
پُرزا پٻ ورن ۾، پِٿون ٿي پياس،
تن پڻ ڪاڍو ڪيچ ڏي، توٽي ماءُ مُياس،
پاڻ وڃايم پير تي، ڇٽي آءٌ ڇٽياس،
ھيڏي شھر پنيور ۾، نہ ڪو پيءُ نہ ماس،
پيِيم وچ وصال ۾، سنجھي آءٌ سُتياس،

الا اُن مَ وسران، ڏني جن جِياس،
پيبس ور وصال جي، جانڪيتان جينڊياس،
اَديون عبداللطيف چئي، محبن سان ملنڊياس.

شاھ جو رسالو(علامہ آءِ آءِ قاضي) داستان ڏھون، وائي نمبر 2،
سُر حسيني، صفحو نمبر 552

## موجوده سنڌ کان ٻاهر جا نندا محاورا:

اِها هڪ مجيل ڳالھ آهي تہ سنڌ ماضيءَ ۾ پنهنجي موجوده ايراضيءَ کان وسيع هئي. اُن ڪري پاسي وارن علائقن ۾ بہ سنڌي زبان موجود هئي. مختلف ايراضين ۾ سنڌي زبان موجود رهي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ لاسي محاوري جو جائزو وٺي آياسين. لس ٻيلو سمن حاڪمن جي هٿ هيٺ رهيو آهي. شاعرن جي بہ ڳالھ تي آئي پر حڪمران بہ سنڌي ڳالهائيندڙ هئا. اُن کان سواءِ بہ بلوچستان جي مختلف حصن ۾ سنڌي مادري زبان طور رائج آهي. پاڳناڙيءَ ۾ سيد رڪيل شاھ هڪ وڏو شاعر گذريو آهي. سبي خطي ۾ بہ سنڌيءَ جا مختلف محاورا موجود آهن. اُنهن جي باري ۾ داد محمد خادم بروهي پي ايڇ. ڊي لاءِ 1984ع ۾ مقالو پيش ڪيو. هن مقالي جو عنوان آهي: "سبي خطي ۾ سنڌيءَ جي مختلف محاورن جو مطالعو". هن ايراضيءَ ۾ فراڪي ۽ ڪيتراني محاورا رائج آهن. ڊاڪٽر داد محمد، فراڪي تي تفصيل سان لکيو آهي. سبيءَ ۾ هڪ ماڻهوءَ کان پڇيم تہ ڪير آهين تہ جواب ڏنائين تہ پٽي پناڻ. بولي کهڙي ڳالهائيندا آهيو تہ چيائين تہ اِهائي جيڪا ڳالهايان پيو. هي محاورا ڪراچيءَ کان اُتر لس ٻيلي ۽ سبيءَ تائين پکڙيل آهن. فراڪي ۽ ڪيتراني ٻين ننڍن محاورن کان وڌيڪ ايراضيءَ ۾ رائج آهن.

## فراڪي محاورو:

هي سبيءَ سان واسطو رکي ٿو. هن ڪي وطني ۽ ملڪي بہ سڏين ٿا. هن جي ايراضيءَ بابت ڊاڪٽر داد محمد خادم لکي ٿو: "سبي، سنڌ جي سرحدي شهر جيڪب آباد کان اٽڪل هڪ سؤ ميل اُتر اولھ ۾ آهي. اڳوڻي ڊويزن جي حساب سان هن ۾ سبي، ڪڇي، نصيرآباد، ڪوهلو ۽ ديره بگٽي جا ضلعا شامل هئا. هتان جا نوي سيڪڙو ماڻھو سنڌي



مادري زبان طور ڳالهائيندڙ آهن. سبيءَ جي هن محاوري تي نالي پوڻ جو سبب ٻڌائيندي ڊاڪٽر داد محمد لکي ٿو:

"هي لفظ فراغ (وسيع) مان ورتل آهي ۽ وسيع علائقي ۾ رائج آهي. وقت گذرڻ سان سرائيڪي، بروهڪي ۽ پناڻڪي جي لفظي اثر هيٺ فراڪي سڏجڻ ۾ آيو (17)."بقول ڊاڪٽر داد محمد هي محاورو سبيءَ جي چوڌاري ڊاڍر تلي، ڪڙڪ، مال، صافي ۽ مزري ۾ بہ موجود آهي (18).

اُن سان گڏ جهل مگسي، روجهاڻ جمالي ۾ مگسي، جمالي، خاڪواڻي ۽ رئيساڻي قبيلا بہ سنڌي ڳالهائيندا/ ڄاڻندا آهن. روزانہ ڪاروبار جي عام زبان بہ سنڌي (فراڪي) آهي. فجڪ ڳوٺ جا پناڻ پشتو سان گڏ سنڌي بہ ڳالهائيندا آهن (19).

اڪثر وينڌن جو تلفظ فراڪيءَ ۾ تبديل ٿئي ٿو. فوٽو مان ڦوٽو ۽ آزاد مان آزات، تہ زنجير ڪي جنجير، رواج کي رواز ۽ مبارڪ کي مبارخ چون. سُر آوازن ۾ آخري حمزي جو اُچار گهٽائي ختم ڪري ڇڏين ٿا. جيئن ماءُ- ماء ياءُ- يا ۽ بچاءُ- بچا چون.

وسرڳ کي بہ اوسرڳ ڪري اُچارين. جيئن: آهستي بدران آستي، اهڙو بدران ايڙو ۽ گهر کي گر چون. لاڙيءَ ۾ بہ ائين آهي. معياري جي اڪثر لفظن کي ي مان ڦيرائي حمزي ۾ ڪندا آهن، جيئن:

| | |
|---|---|
| تيا | ٿئا |
| ٿيو | ٿئو |
| ولايت | ولائت |
| ڪٽايو | ڪٽائو |
| ٻُڌايو | ٻڌائو |
| وڻايو | وڻائو. |

اُن کان سواءِ اُتر جي محاوري وانگر ت ۽ ڊ کي ٽر ۽ ڊر ڪري اُچارين. مثلاً ڊڪائڻ کي ڊرڪائڻ، ڊگهو کي ڊرگهو ۽ ٽپڙ کي ٽرپڙ چون. واحد مان جمع ناهڻ لاءِ بہ سِري جي محاوري وانگر 'آن' پڇاڙي ڳنڍجي ٿي. مثلاً: عوج (عوجان)، موج (موجان)، قبر (قبران)، خبر (خبران)،

ڪوڙر (ڪوڙران) ۽ ڪوڪ (ڪوڪان).

فعل ماضيءَ مان ي حذف ٿئي ٿي. جئن پڙهيو بدران پڙهو، لکيو بدران لکو چون. فعلن ۾ /د/ حذف ٿئي ٿي. مثلاً: لکندو کي لکنو ۽ پچندو کي پچنو. اِن کان سواءِ خالص ضميرن جا اُچار به فراڪيءَ ۾ هن ريت آهن:

| معياري | فراڪي |
|---|---|
| اِهو | ايهو |
| اُهو | اوهو |
| اُهي | اوهي |
| توهان | توئان |
| هُنَ | هُڻ |
| اُنهيءَ | اُڻي |
| اُنهن | اُڻن |
| پنهنجو | پانجو |
| منهنجو | مينجو |
| اُن | اُڻ |

نون غنو به ڪن لفظن ۾ شامل ڪن.

جئن:

| | |
|---|---|
| شوق | شونق |
| غوث | غونث |
| ڪپهه | ڪپنهه |

ڪي معياري سنڌيءَ جا جملا فراڪيءَ ۾ هن ريت ڳالهائجن ٿا:

معياري- وري ڪيڏانهن پيو وڃين؟
فراڪي- وت ڪيڏي وينو پئو آن؟
معياري- ڇا پيو ڪرين؟
فراڪي- ڇا ڪنو پئو آن؟
معياري- آءٌ ماني کائي رهيو آهيان.
فراڪي- ما ماني کائنو پيو آن.
معياري- لعلو پڙهندو هو.



فراڪي- لعلو پڙهنو پئو هو.

هر هڪ محاوري ۾ چوڻيون، پهاڪا ۽ اصطلاح وغيره هوندا آهن. فراڪيءَ ۾ به اُهي گهڻي تعداد ۾ ملن ٿا.

## ڪيتراني (مختصر تعارف):

هي محاورو بلوچستان ۾ لورالائي ايراضيءَ ۾ بارڪان ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هن جون پاڙيسري زبانون بلوچي ۽ سرائيڪي آهن. ڪيترانيءَ تي بقول ڊاڪٽر داد محمد پشتو جو اثر نمايان آهي (20). هن محاوري جي نسبت ڪٽياڻ قبيلي سان ڇئي وڃي ٿي. هي سمات جي ذات آهي. روايت آهي ته ڪٽياڻن جو اصل تعلق افغانستان سان آهي. بلوچستان ۾ رهڻ ڪري بلوچ سڏايائون. سنڌ ۾ آباد ٿيا. سندن وڏو بهادر خان سنڌ مان لڏي لورالائي ويو سندس نالي پنيان بارڪان مشهور ٿيو. ڪٽياڻ بگڙي ڪتران- ڪيتراني ٿيو. هي محاورو صرف و نحو جي آڌار تي نهايت دلچسپ آهي.

## حوالا

1. چنه، محمد عمر. لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڌايون، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1985ع ص 27
2. Marid Pei & Gaynor, Dictionary of Liguistics, New York, 1954, P. 56.
3. جيٽلي، مرليڌر (ڊاڪٽر) مقالو: "سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ٿيل ڪوجنا" ساهتڪار مهاراشتر راجيہ ساهت اڪادمي ممبئي، 1988ع، ص 29
4. Jones, D. An outline of English Phonetics, Combridge, 1960, P. 11
Hocbett PP.473, 474 & 477.
5. Robins, R.H. General Linguistics. (an introductory suvey), Longman London, 1964, P.57
6. Bloomfield, L. Language. New York, 1976, P. 321
7. Robins — PP. 58-59
9. پيرو مل- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 16
10. ايضاً — ص 113

11. ايضاً — ص ص 117-118 ۽ 119
12. ايضاً — ص 151
13. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) ٻيلاين جا ٻول
زيب ادبي مرڪز حيدرآباد،
1970 (ٻيو ڇاپو) ص 74
14. ايضاً — ص 72
15. سمون، الھبچايو. سير ڪوھستان، سنڌي ادبي
بورڊ حيدرآباد 1959ع، ص 33
16. خادم، داد محمد (ڊاڪٽر). سبي خطي ۾ سنڌيءَ
جي مختلف محاورن جو مطالعو قلمي، 2 3
17. ايضاً — قلمي، ص 5
18. ايضاً - ص 5
19. ايضاً — ص 19
20. خادم، داد محمد. ماھنامہ پيغام، مقالو: "سنڌي ٻولي ۽ اُن جا محاورا." فيبروري 1988ع، ص 21.



**باب ٽيون**

# لاڙي محاورو

لاڙي محاوري بابت سنڌيءَ ۾ پهرين ڪاڪي ڀيرو مل مهر چند پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ لکيو. اُن ۾ هُنَ لاڙ پٽ جي ماڻهن جي اصل وطن جي ڳالهه ڪندي هندن جي ٻوليءَ ڪي خاص طور ڪجي ٻولي لکيو ۽ اُن وقت جي لاڙي ايراضيءَ بابت بہ لکيو: سنڌ جو ڏاکڻو ڀاڱو، جو وچولي جي هيٺان آهي ۽ وڃي سمنڊ سان لڳو آهي، سو لاڙ سڏجي ٿو. لاڙ جا بہ ڀاڱا آهن: هڪڙو حيدرآباد ضلعي وارو لاڙ جو بدين ٽنڊي باگي ڪان هلي بلڙي شريف تعلقي گوني تائين آهي. اُتان ڪوهه ڏيڍ پري ميرپور بٺوري تعلقي جي جهوڪ شريف (ميران پور) ۾ شاهه عنايت صوفيءَ جي درگاهه آهي. انهن ٻن نامور درگاهن جي وچ ڪان وٺي ڪراچي ضلعي جو سمورو ڏاکڻو ڀاڱو جو ڪيٽي بندر ۽ ڪراچيءَ طرف لڙي اچي سمنڊ سان لڳو آهي، سو ڪراچي ضلعي وارو لاڙ آهي (1)." هاڻي ضلعي وار صورتحال ٻي آهي، پر ايراضي ساڳي آهي، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان بدين، ٺٽو ۽ ٻيا ضلعا ٺهيا آهن. اُن ڪان سواءِ ڪاڪو ڀيرو مل اِهو بہ لکي ٿو تہ اسان جا ڪيترا ماڻهو لاڙ جي ٻوليءَ تي کلندو (ٺٺولي) ڪندا آهن (2). اُهو شايد اُن ڪري جو لاڙ جي ٻولي معياري محاوري ڪان گهڻو ڦريل آهي ۽ هڪڙي چيڙي تي آهي. ائين ئي ٻئي چيڙي تي جيڪي بہ محاورا آهن، سي بہ معياري محاوري ڪان گهڻو ڦريل آهن.

ڪاڪي ڀيرومل جي خيال ۾ لاڙي محاوري جو درجو گهٽ ليکيو وڃي ٿو (3). اُن لاءِ پاڻ لکي ٿو: "حقيقتوُن لاڙ ۾ رڳو هندن جي ٻولي ڪچي آهي، جو انهن مان ڪيترا لاڙ جا اصلوڪا رهاڪو آهن. اصل رهاڪو دراوڙن جو اولاد آهن ۽ اُهي اوڏ، ماڱر ۽ ٻيا مهاڻا آهن (4)." ملبار ۽ ٻين ڏکڻ اوڀر وارن علائقن سان اڄ وچ ۽ واپار خاطر رابطو رکندا آيا (5).

هتي دراوڙن جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. هي لفظ درامڙ/ ترامڙ/ تامل جي صورت ۾ اسان جي اڳيان آيو آهي. اُن جو بشپ ڪالڊويل،

دراوڙ ٻولين جي گرامر ۾ ذڪر ڪيو آهي. لاڙي محاوري تي دراوڙن جي زبان جو اثر آهي. پيرومل اهڙو ذڪر ڪيو آهي (ص ص 125- 126). اهڙي طرح لاڙيءَ تي داردي ٻولين جي اثر جو ذڪر بہ ڪيو اٿس (ص 128). اُن اثر جي واضح نشاني اوسرڳائي آهي؛ جا لاڙيءَ جي اُچارن ۾ چٽي بيٺي آهي. پٽ ڪي بٽ، گهر ڪي گر، گهوڙي ڪي گوڙو چون. اهڙا ٻيا مثال اڳتي ايندا.

لاڙي محاورو سنڌيءَ جو هڪ جدا ايڪو (Unit) آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ لاڙ (بدين ڏکڻ) جو رهاڪو آهي. ناناڻن جي حوالي سان جهوڪ، بلڙي ۽ بنوري سان بہ تعلق رهندو اچي. عملي طور لاڙي محاورو ڳالهائيندڙ آهي.

محاوري جي اندروني فرق ۾ ماجر، جاتي، شاهبندر، ڪاري ۽ ڪڪرالي جا ننڍا محاورا (Sub-dialects) بہ آهن. اِن ريت بدين جي پسگردائي وارو ننڍو محاورو ماجر وغيره کان مختلف بہ آهي. پيرومل اوسرڳائي جا مثال ڏنا آهن ۽ ٻيا مثال ڳالهائيندڙن جي ٻوليءَ ۾ نمايان آهن. داردي ٻولين جي رابطي جي ڪري گسڪيدار آواز اوسرڳ ڪري اُچارجن ٿا.

ڪي سُر آواز (Vowels) ننڍا ڪري اُچارجن ٿا- مثال:

| معياري | لاڙي |
|---|---|
| ڪيائون | ڪيئون-ڪئون |
| چيائون | چئون |
| چيائين | چئين |
| ڪنيائون | ڪئون |

ڪن اسمن ۾ اُن جي اُبتڙ سر آواز وڌيل هوندا آهن:

| معياري | لاڙي |
|---|---|
| حجم | حجام |
| نرڙ | نراڙ |
| ڪنير | ڪنيار |
| لوهر | لوهار |

لاڙي محاوري تي ٻين ايراضين ۾ اچڻ وڃڻ جي ڪري انهن محاورن جو بہ اثر آهي، ميڊيا جي ڪري هاڻي ڪنهن حد تائين معياري



محاوري جو نمايان اثر بہ آهي. هاڻي اُتر ۽ سنڌ جي ٻين ضلعن جا ماڻهو لاڙ ۾ رهڻ بہ لڳا آهن.

لاڙي محاوري ۾ ڪن لفظن ۾ صنعت تقليب بہ موجود آهي- جنهن مطلب ڪي مطبل ۽ لعنت ڪي نالت چوڻ. صرف و نحو جي آڌار تي ڪي پهلو آهن، جن ڏانهن ڌيان ڏيڻ کپي. مثال طور لاڙ جا ماڻهو تڪڙ ۽ بنا جهيل جي ڳالهائين. اِن لحاظ کان اتر جي اُچار جي ابتڙ ڳالهائين. اُتر جي اعراب پيش بدران لفظ جي پڇاڙي زير ۾ تبديل ٿئي ٿي. اُن جا ڪي مثال هي آهن:

| اُترادي | لاڙي |
|---|---|
| اَڄُ | اَڄِ |
| وَڃُ | وَڃ |
| ويهُ | ويَهہ- ويهِ |
| ڪتابُ | ڪتابِ |
| گهرُ | گهرِ |

ڪي اسم گرامر ۾ هڪ ئي اُچار رکن ٿا. جهڙوڪ:

رڌَ ۽ ميزَ وغيره. اهڙي طرح اسمن فعلن، عددن ۽ لاڙ جا اُچار اُتراديءَ کان مختلف آهن. ضميرن ۾ بہ اوسرڳائي ظاهر آهي. جيئن تہ: جنهن، تنهن، ڪنهن بدران چون جين، تين، ڪين. تنهنجو، منهنجو، جنهن جو بدران چون تونجو، مونجو ۽ جينجو. اوهان ۽ توهان بدران چون آن ۽ توان. اوهانجو بدران آنجو.

اهڙي طرح لاڙ جي نرالائي هر پهلوءَ ۾ آهي. ڪيترا لاڙ جا منفرد لفظ بہ آهن. محاوري ڪي سمجهڻ لاءِ لاڙي لفظن جي ذخيري جو قدري تفصيلي اڀياس ڪرڻ کپي.

## حوالا


1. آڏواڻي، ڀيرو مل مهر چند. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص 121
2. ايضاً — ص 121
3. ايضاً — ص 122
4. ايضاً — ص 123

ايضاً — ص 123- 126

باب چوٿون

# لاڙ جي چونڊ لغت

ڪنهن بہ زبان جي مختلف محاورن ۾ لفظن جو هڪ مخصوص ذخيرو هوندو آهي. مون اهڙن لفظن کي اندازاً چاليهن سالن کان پئي گڏ ڪيو آهي. اُهي مون فقط بدين ضلعي جي موجوده حدن مان گڏ ڪيا آهن. اُنهن مان ڪن جو دائرو محاوري جي ٻين ايراضين تائين بہ وسيع آهي تہ ڪي لاڙي محاوري جي حدن کان ٻاهر بہ ملندا. لفظن جي هن ذخيري جي آخر ۾ هڪ ضميمو بہ شامل آهي. ڪن لفظن جي معنائن ۽ بناوتن بابت بہ تحقيق ڪبي تہ دلچسپ نتيجا ملندا.

زبان ۾ اصلي معنيٰ جي تبديليءَ جا ڪي دلچسپ مثال ملن ٿا، 'درويش' لفظ جي اصل معنيٰ تہ ظاهر آهي، پر وقت گذرڻ سان هن لفظ جو مفهوم بيٺو آهي: 'ويچارو سادو ماڻهو' يا 'ڳوپ'.

'انجام' معنيٰ آخري نتيجو، ان جو ضد آهي آغاز، پر سنڌيءَ ۾ انجام معني 'وعدو' يا ڪڏهن ڪڏهن 'ٻچڙي پچاڙي' ۽ 'عاقبت' بہ معنيٰ ونجي ٿي. لاڙي تلفظ 'آجام' اٿس. معنيٰ وسيع ٿيڻ ۾ ائين ٿئي ٿو، جو ڪنهن تخيلاتي مناسبت سبب، ڪو لفظ ٻئي لفظ لاءِ ڪم اچي ٿو. جهڙوڪ سُني گوشت لاءِ حُلواڻ، حالانڪ، حلواڻ ڳاڙهي ڪپڙي کي چئبو آهي.

نين شين جي ايجادن سان ڪي نوان لفظ پنهنجي محدود معنيٰ سان زبان ۾ داخل ٿين ٿا، جن ۾ ڪپڙن جون ڊزائنون، موٽر گاڏيون، خوشبويات ۽ ٻيو ڪيترو مشينريءَ جو سامان اچي وڃي ٿو. اهڙي طرح آيل لفظ ڪن حالتن ۾ گم بہ ٿيو وڃن ۽ انهن جي جاءِ تي وري نوان لفظ اچن ٿا، ڪي لفظ رڳو شعر ۾ ئي ڪم اچن ٿا، جهڙوڪ: واڊوڙيا، مُنڌ ، مَڌُ، مئي، ساغر، مُشڪِ ختن، چشمِ آهو، اَسير ۽ ڪمند وغيره.

ڪيترن لفظن جي معنيٰ جو دائرو بلڪل محدود هوندو آهي، بلڪ ائين چئجي تہ اُهي خود ساختہ ۽ جڙتُو لفظ تمام محدود علائقي ۾ ڪم ايندا آهن. مثال طور سنڌيءَ ۾ 'اَتيت' ان ماڻهوءَ کي چئبو آهي، جنهن وٽ ڪجهہ بہ نہ هجي. جئن 'ٻڪيو اَتيت'، جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي اولاد نہ هجي تہ ان کي 'نانگو' چون، ڪو ماڻهو ڪپڙين لٽين نهيل نہ هجي ۽ بنهہ غريب هجي تہ ان کي 'اَٻالو' چون. اهڙن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ باريڪ بينيءَ سان تميز ڪري سگهبي ۽ اظهار خيال جي صفائي توڙي لفظ جي ٺُز استعمال جي خبر پوندي.

محدود دائري ۾ معنيٰ جو ڦرڻ ڪن لفظن سان خاص طور لاڳو ٿئي ٿو. مثال طور ڪاڏي پيتي جي اِشتها لاءِ 'بک' ۽ 'اُڃ' چئبو، پر ٻيڙي ۽ حقي ڇڪڻ جي طلب ٿئي تہ ان کي ٻاڙ چئبو. اڪثر (لاڙ ۾) چانهہ گهٽي پيئڻ واري لاءِ چون: 'فلاڻو چانهہ جو ٻانڌاڻي آهي.'

هڪڙي معنيٰ لاءِ بہ ڪيترا لفظ استعمال ٿين ٿا. جيتوڻيڪ اُهي ادبي ڪتابن ۽ اخبارن رسالن ۾ نظر ڪونہ ٿا اچن. مثال طور لاڙ جي عام گفتگو ۾ 'ٻوئي ٿي پنيان پوڻ'، 'پانگوري ٻارڻ' ۽ 'پندي ٻارڻ' ڪم اچن ٿا. جن جي معنيٰ آهي تہ اصرار ڪرڻ ۽ زور پرڻ ( To Insist). ڪنهن جي پنيان ضد ڪري وري ساڳي ڳالهہ چوڻ يا مڃائڻ لاءِ زور پرڻ جو مفهوم مٿين لفظن مان واضح ٿئي ٿو.

هر شاهوڪار ٻوليءَ ۾ مختلف شين لاءِ گهڻي تعداد ۾ لفظ موجود هوندا آهن. سنڌيءَ ۾ ڪانيءَ جي لڪڻ جو مثال ڪٽي ونو تہ اهو صاف ظاهر ٿيندو تہ سنڌيءَ ۾ خاص طور لاڙي محاوري ۾ اها خصوصيت بہ موجود آهي. 'لڪڻ' چوڻ سان هڪڙو مفهوم ذهن ۾ اچي ٿو. 'تلهڙ' وري اهڙي وڏي لڪڻ کي چئبو آهي، جيڪو وڻ مان تازو وڍيل ۽ لچڪڻو هجي. سُڪل ننڍو لڪڻ 'ٻاننو' سڏبو. چار مان پٽيل ننڍي ۽ سنهي ٻانني کي "چامڪ" سڏبو. 'چاٻُيو' وري اڻ – سوئيل چامڪ کي چئبو. قدري ٿلهي ٻانني، کي 'ڏُڪو' چئبو، ان ڏڪي جو هڪ پاسو مٿي، وارو هجي تہ ان کي 'گهوٻاتو' چئبو. اهو شڪاري ڪاتر سان گڏ شڪار لاءِ ڪٽن ۽ چور بہ ڳپل گهوٻاتا پاڻ سان ڪٽن، وڏي ڏڪي کي ڏنبو چئبو. خاص قسم جو ڏنبو ٿاڏل گهوٽڻ لاءِ ڪم اچي. اهڙي طرح مولڙو، مُهري، چابڪ، ڪاتر. سؤٽتو، ڳن ۽ ڪڙياري لٺ بہ انهيءَ سلسلي ۾ اچي ٿي.

اهڙيءَ طرح ٻارن کي پرچائڻ لاءِ بہ ڪيترا لفظ ڪم اچن ٿا. مثال ٿاڏارڻ، نڳارڻ ۽ ماترائڻ جي معنيٰ ۾ ڪو گهڻو فرق ڪونهي.

ڪي لفظ لاڙ ۾ اُتر ۾ معنيٰ جو دلچسپ فرق ظاهر ڪن ٿا. ’آڏو‘ اتر ۾ ’سامهون‘ جي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو ۽ لاڙ ۾ معنيٰ آهي: اهو جيڪو سامهون نہ هجي، اوٽ ۾ هجي. شعرن ۾ هن لفظ جون مختلف معنائون ظاهر ٿين ٿيون:

1. آڏا ڏونگر ڏاڪڙا، ٽَڪَرَ ۽ ٽوڙا (حمل)
2. آڏو ٽڪرٽڙ، متان روهہ رتيون ٿئين. (شاهہ)
3. آڏا ڏونگر لڪيون، ٻيون سوريون سُڄن سيل. (شاهہ)

گفتگو ۾ بہ ’آڏو‘ جدا جدا معنائن ۾ ڪم اچي ٿو:

1. آڏي پُڇا = Cross Examination
2. آڏا جواب ڏيڻ = پورا جواب نہ ڏيڻ، هڪ جو ٻيو جواب ڏيڻ
3. آڏ- وڏائي= غرور.
4. آڏو = (ڦِڏو) ونگو.
5. فلاٽا پاڻ ۾ آڏا (وڙهيل) آهن.



# چونڊ لُغت

## الف

آٽرويلا = اُڀرائي، تڪڙ.

آجَڪو= آجو، مثال: جنهن ۾ ٻيو ڪير بہ پائيوار نہ هجي.
’اوچڻ گهرجي آجڪو، جهوپو سهي نہ سيءَ ‘ (شاہ).

آجُڪو = ڏکيو،مشڪل.’آجڪو ڪم. ‘

آچِت = بلڪل نئون. مثال ”اُچِت ڪپڙو يا ٿانءَ“.

آڊو = انديشو، فڪر، ڳڻتي.

آڊَڻ = مالش ڪرڻ. خاص طور ’پيٽ آڊڻ.‘

آسابُند = محبت، اڪين جو ڏؤ. جهڙوڪ: اولاد اڪين جو آسابند آهي.

آلوڙي = تازي وٺايل مينهن (يا ڳئون وغيره)

آنپار سانپار= آمهون سامهون.

آهَتِ = اناج جي جنس ڏيڻ سان ڪاريگر کان تهيل مال وٺڻ. پهاڪو: ’وڙهيا واڍا‘ اَڙيا آهتي.‘

اَٻالو = غريب، جنهن جي غربت جو اندازو ڪپڙي لٽي مان لڳائجي.

اُٻاهين = ٻار ڪنگهندي ٻُڏي وڃي تہ اُن کي ’اُٻاهينءَ پوڻ‘ چون.

اَٻَڏي = ڪيٽو، رسامو – خاص طور ٻار جو ڪيٽو ۽ تيسو.

اُپامَڻ = ديڳڙي يا ڪُني ۾ اُپام اَچي، جيڪي پيل هجي سو باهہ جي تپش کان مٿي اچي يا هارجي وڃي. پهاڪو ”سڪٽي ڪُني گهڻو اُپامي“ (Empty vessel thunders much)

اَپاڪَ= اوچتو، ڪنهن کي ڏڪ لڳي وڃي تہ چون ’اپاڪ ڏڪ لڳي ويس‘ يعني ڪنهن ڄاڻي ٻجهي ڪونہ هنيو.

اُپٽڻ = کولڻ، پٽڻ.

اُپراسو = اُپت، ڪمائي، Income.

اَتِيت = جنهن جو ڪير به نه هجي ۽ خود به چڱو ڀلو ماڻهو نه هجي، بڪيو اَتيت.

اَنور = وڏو. ڍڳي ڍور جي عمر جي لحاظ کان ڪٿ.

اُڇاترو = معمول کان ٻي طرح، ڪو ماڻهو اُبهرائي ڪري ته اُن کي به اُڇاترائي چون.

آرو = ٻني، جنهن کي هڪ سال ائين ڇڏي ڏجي ۽ آباد نه ڪجي.

آرهو = ناراض ۽ رنج، ناخوش (ضد: سَرهو).

اُرڪُر = فڪر (ٻيو اُچار : اُرڪُر).

اَرڪَ = ڪِري يا پرهيز نه ڪندڙ، والي رسج
وهلو، ارڪ ٿيا اِنسان، (شاه).

آڙيڪاپ = حرفتي، چالاڪ.

آڳلو = گدلو (مونث: اڳلي).

اُلڪو = ڳڻتي، فڪر، Anxiety

اُلهڻ = لهڻ، سج جو اُلهڻ، 'سج لٿي ' بدران سج اُلٿي' به چون.

اُلِي = تونس، گهٽي اُڃ. ڪير گهٽي لسي يا پاڻي پيئي ته چون: 'اُلي آهيس يا رڻ تان لهي آيو آهي'.

اُلوڙڻ = اُکوڙڻ، ڪِلو وغيره زمين مان ڇڪي ڪڍڻ يا ٻڌل رسو، واڻ وغيره کولڻ To untie.
'اُلوڙڻ نه ڏئي، ور وڌائين ونجهه کي (شاه).'

اُميري = ڇنل ڏاڳي کي خاص انداز ۾ ڳنڍڻ:
'ڇنن توءِ م ڇِن، پاءِ اُميري اُن سين (شاه).'

اُنهمُون = بيحال، ٿڪل، ڊوڙي يا روئي بيحال ٿيڻ.

اَٿهُوند = ڪجهه به نه هجڻ. ڪنهن کي پٽڻو هجي ته ان کي 'اَٿهوندو' چون. خاص طور ڪاوڙ مان مائون ٻارن کي 'اَٿهوندو' چون.

اوڇَڻ = ڪپڙو، اجرڪ ۽ رلي وغيره، اوڍي سمهڻ لاءِ.

اوڏو = ويجهو، اوڏڙو به چون. نه وڃي اوڏڙي گهر واري (مثال)



ڪي اوڏا به ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين. (شاه)

اوراڻ = چڙهي وڃڻ. "سُونهن، پسي سانوڻ چئي،
عمر ڪر نه اوراڻ" (سانوڻ فقير)

اورَهُون = اوريان (ضد: پرهُون).

اوڙو = ڪوه جي پرسان مال کي پاڻي پيارڻ لاءِ ڏهه- ٻارهن فوٽ ڊگهي ڪونڊي ناهين ۽ ان کي پاڻيءَ سان ڀري ڇڏين. (ٻيو اُچار: اُواڙو)

اولارَ = ڍڳي ڳاڏيءَ جي پوئين حصي ۾ گهڻو بار هجي ۽ پانجاري اُڇاتري (مٿي) ٿي وڃي. (ضد: دابائون)

اولَ = يرغمال Hostage.

اول پَتَڻ = مراد آهي هيڏانهن هوڏانهن هلڻ يا دربدر ٿيڻ. ڪنهن کي هروڀرو ڪٿي چڪر ڪاٽيندي ڏسجي ته ان کي 'اول پتڻ ٿيڻ' چئبو. 'پتڻ' ڪنهن ڪئنال کي پار اُڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. اول پتڻ ٿيڻ معنيٰ پتڻ کان هٽي توائي ٿيڻ.
الا اول م ان جا، ٻيڙا مٿي ٻيٽ (شاه).

اولڙِ = ڪم آيل ۽ ڇپيل گاهه.

اُنگو = ڦرن کي ڏائڻ کان روڪڻ لاءِ وات تي ڪانين جو ٻوٽاڙو.

اونَ = ڳڻتي، فڪرمندي، اوسيڙو

اونترو = شرارتي (ٻار) حرڪتي، چلولو.

اؤنري = ڪنهن کي ڪم جو اهڙو شوق هجي، جنهن تي ماڻهو ٽوڪ ڪن ۽ چون ته فلاڻي کي اونري (ڪُتي) ڪٽيو بيني آهي. يعني نقصان واري ڳالهه کي ڇهيو پيو آهي.

اوهه = مال جي ٽڻن جي مڪمل حصي جي ظاهري شڪل صورت، 'وڏي اوه آئيون، پُنيءَ لائي ڦر' (شاه).

اوهِي واهِي = ڏٽي سائين. نڏٽڪو اُهو جنهن جو نه اُوهي نه واهي!

اوھڏجڻ = مينھن يا ٻيو ڪو ٻہ ڏور اَوتڙ يا اُيڪپري تان ڪِري ڦاسي پوي تہ ان کي مال جو اوھڏجڻ چون.

اُھمال = بھانو. ڪي ٻار تپ جو اھمال ڪري اسڪول کان گسائيندا آھن.

اُڪِرڻ = لنگھڻ، درياءُ اُڪرڻ، پار ڪرڻ.

اَڪ ڪارا ڪرڻ = ڪجھ بہ نہ ڪرڻ! يا اونڌو ڪم ڪرڻ، ٽوڪ طور چون: ”فلاڻو ڪھڙا اڪ ڪارا پيو ڪري)

اَڪَردو = آجو، نويڪلو، اڪثر سَسُون چون: ’ننھن کي گھرجي آجو اَڪردو گھر.‘

## ٻ

ٻان = توبھ ڪرڻ، بيزاريءَ ۾ ڪنھن ڪم تان ھٿ ڪڻڻ.

ٻاٺُو = جن ”(خيالي جن“) ٻار کي ڊيڄارڻ لاءِ چئبو آھي تہ ’ٻاٺُو پيو اچي.‘

ٻائٺِ = خفت، گھڻو شوق. عام طور ڪنھن شئي جي گھڻي ڪائڻ ڪري چوندا آھن تہ فلاڻي کي ڪاڏي جي ٻائٺ آھي.

ٻٽِ = تپش. ڪاڙھي جو ٻٽ يعني اُسَ، ڪنھن کي اُس ۾ وڃڻ کان روڪيندي چئجي ’ڪاڙھي جو ٻٽ پيو ٻري.‘

ٻُڄَ = گھاٽا وار (Shaggy long hair)، گھاٽن وارن وارو ڪتو ھجي تہ ان کي ’ٻُڄِر ڪُتو‘ چون.

ٻُڄڪو = ڳوترو، ڪپڙي جو ٿيلھو، جنھن ۾ عورتون اڳڙيون وغيره رکن، چوڻي: حليمان جو ٻجڪو ڪٽي ويا ڇھ چور ......الخ.

ٻَرڪَتَ = ڳاٽيتو ڪندي اڪثر ’ھڪ‘ بدران ’برڪت‘ چون. (ٻيو اُڃار ’برڪت‘)

ٻَڙادو = ھُل بغادو، گوڙ، وڏ- واتائي.

ٻُگا = ڦر ڏائڻ وقت ٽڻن کي ڊوُنڊاڙي تہ ان کي ٻُگا ھڻڻ چئبو.

ٻوٿِ = (تپ جي) ٿورڙي حرارت.

ٻِلاتو = بلائتو، قابو ۾ ھتيڪو.



ٻِلو ڪرڻ = بندوبست ڪرڻ پورائي ڪرڻ، مثال ’پئسن جو ٻِلو ڪرڻ‘، مالَ جو ٻِلو ڪرڻ‘ ’ڪو ڪم ڪنھن جي ٻلي (ذمي) ڪرڻ‘، ڪٿي ’آڌار‘ ۽ ’وسيلي‘ جي بہ معنيٰ اٿس.
ڪونھي، ڪميٽيءَ جو، ٻگِر تو ٻِلو (شاھ).

ٻوئي ڪرڻ = وري وري چوڻ، ڪنھن مطلب خاطر ڪنھن کي اصرار ڪري چوڻ، پنيان پوڻ.

ٻُوئرو = ننڍڙي ڪوني، ڪولي.

ٻؤنب = رونشا، اَلوليون، مزا ماڻڻ، چرچي طور چون: ’گھڻا ڏينھن ٻؤنب ڪيا اٿئي ھاڻي تنھنجي خبر پوندي‘.

ٻيٺ = چيلھ. چيلھ تي ڪپڙي ٻڌڻ کي ٻيٺ ٻڌڻ چون:
”لوئيءَ سين! لطيف چئي، پيڙيو ٻڌان ٻيٺ“.

ٻي سمرو = غريب.
’سمر جنين نہ ساڻ، ھوت حمايتي تن جو‘ (شاھ).

ٻي وڙو = ٻي شرم، جيڪو ڪنھن سان ڀلائيءَ جا پير نہ ڀري:
’جو وڙ جُڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن‘ (شاھ).

## ڀ

ڀاڀِيس = حُبَ.

ڀاتاڙو = منجھيل (’ڀاتو‘ نہ).
’اَنين جي آءٌ، ڀوليءَ ڀاتاڙي ڪئي‘ (شاھ).

ڀاٽ = شوق سان ڪنھن شيءَ لاءِ سرگردان رھڻ، خاص طور جڏھن اُھا ھٿ نہ اچي. مثال: ’فِلاڻو روزگار لاءِ ڀاتون ڪائيندو وتي‘.

ڀاڙُ = ڀيڙي پيڻ يا ڪنھن ٻي نشي جي طلب.

ڀاگھڙ = جئن ’ٻاٺو‘ چئي ٻارن کي ھڪ خيالي جن جو ڊپ ڏبو آھي، تئن ڀاگھڙ جو بہ ڊپ ڏبو آھي.

ڀانڊاٽِي = اُھو ماڻھو جيڪو ڪنھن بہ نشي يا چانھ وغيره تي ھريل ھجي تہ اُن کي اُن شيءَ جو ڀانڊاٽي چون.

ٻانڀو = ننڍي يا وڏيل پڇ وارو جانور. شاهه پٽائيءَ وڳند سان خوش طبعي ڪندي هڪ بيت ۾ چيو آهي: 'ٻانڀو ٻيلي نه ٿيو، وڙو اچ ويو.'

ٻتر = سوئر جو ٻچو.

ٻڌِ = ٽپ. (Jump)

ٻَرگهل = وڏو سوراخ، ڏرڙ يا شگاف.

ٻَرهال = ٿِلهي وڏي پوڻ جي بيماري،

ٻُڪِلِ = ڪپڙي سان مٽي ۽ ڇَپن کان هيٺ واري مُنهن جي حصي کي ويڙهڻ جيئن اکيون ۽ نڪ کليل هجي.

ٻَڪَ = پاڪُر: ملهه وڙهڻ لاءِ ٻئي ملهه جيڪي هٿ وجهندا آهن، تن کي به ٻَڪَ چئبو آهي:
'ٻيائيءَ کي ٻَڪُ، جن وڏو سي ورسيا' (شاهه).

ٻَلَر = ننڍو ڦر، خاص طور ڪتي جو گُلر.

ٻُنبِ = گهر جو لنگهه، گهٽي يا دَر:
ٻُنيان جڦنِ پَري، ڏونگر سي ڏوريندين (شاهه)

ٻُوتارو = خاص طور گڏهه کي وات ۾ ڪنڌ تي ڪپڙو ويڙهي قبضي ۾ ڪرڻ.

ٻوڏِ = 'جيءَ' جو ضد- يعني 'وڃي مَرُ'
'جي چوندا هئا جيءَ، سي ٻوڏ نه چون ٻاجهه سين' (حمل).

ٻوڪانِي = مٽي تي ڪپڙو ويڙهي، ان جا ڇيڙا ڪنڌ هينان ورائي پنيان ڳنڍ ڏيڻ. اڪثر ڪچي ائين ڪپڙو ٻڌندا آهن.

ٻولاهو = گهوڙو يا مينهن، جنهن کي پيشانيءَ تي چال (اَڇو) ٽِڪو هجي. (مونث: ٻولاهي).

ٻُونُهنجَر= گوڙ، ٻارن جو هُل هنگامو.

ٻيٺ = خبرَ، ڪنهن ڳالهه جي سمجهه ۾ جاڻ.

ٻيجارو = ڪُڪڙ وغيره جو ٻچو، جيڪو نسل وڌائڻ لاءِ پالجي.

ٻيڏو = ڪنگهه، جيڪا گهٽو ڪري ٻارن کي ٿئي.

ٻيلانگ = تنگ ورائي وهٽ تي چڙهڻ.

## پ



پاڏُ = ڪڏ. اڪثر ٻنيءَ ۾ يا پاسي تي هوندي آهي ۽ پاٽيءَ سان پرجي ويندي آهي.

پاڳيو = چوپائي مال جو ڏٽي، مالوند.

پانگِ = بکيو. اڪثر ٽوڪ طور چون: 'فلاڻو بکيو پانگ آهي'.

پانگوُري = وري وري گُهر ڪرڻ. پِنڊي پارڻ.

پاءُ پِنڊ = ويجهو عزيز يا پاءُ.

پُڪا = پرزا پرزا:
'ڪنگرا جي ڪوٽن جا، پڄي ٿيا پُڪا (نامعلوم).'

پِنڊي پارڻ = اڪثر ٻار ڪيتو ۽ گهپي ڪن ته ان کي پِنڊي پارڻ چون. (ڏسو: پانگوري).

پونچڻ = نڪُ گهنجائڻ، منهن گهنجائڻ ۽ عجيب صورت بنائڻ.

پُونگِلاڙو = مُنهن تي ڪپڙو ڏيئي اولو ڪرڻ (تيز هوا کان بچڻ لاءِ يا ٻيڙي دکائڻ خاطر).

پيٽ تي پوڻ= مانوس ٿي وڃڻ. ڪنهن جي عادتن کان واقف ٿي، ان موجب پاڻ کي تيار ڪري وٺڻ. ڪنهن ڏنگي ماڻهوءَ سان نباهه ڪري ويندڙ لاءِ اڪثر چون:
"فلاڻو ڏنگو آهي، پر هُي به سندس پيٽ تي پئجي ويو آهي". يعني منجهن Understanding آهي.

پيڏيون پچڻ = گهٽو مارڻ.

پينگ = سُج. ڪجهه به نه.

پينگيو = سُجو. بکيو اَنان. جنهن وٽ ڪجهه به نه هجي.

## ت

تاڪَ = بدچال عورت.

تارَ = مڪر 'تار ڪرڻ' يعني مِڪرِ ڪرڻ.

ترائي = هيناهين زمين، شهر جو نالو به آهي.
'هڏا ڪٽيان هلي، پري ترايون تل' (شاهه).

تَريناڪ = حرفتي، لُچو (يا لُچي) چالاڪ.

تقاڪ = اتفاق سان، اوچتو.

ٽلهڙ = ڏگھو لچڪٽو بانئو، ڏگھو لڪڻ (مختلف قسم جي باننن، ڏنڊن، ڏڪن ۽ لنين وغيره جي وضاحت مقدمي ۾ ڪئي ويئي آهي).

تِڪَ = يڪ ساهيءَ پي وڃڻ. "هُو هڪ ئي تڪ ۾ پاٽيءَ جو وڏو وٽو پي ويو".

ٽُنَ = ڪپڙي ۾ پيل سوراخ ڏاڳن سان پري ڍڪڻ.
'تہ پڻ ويني وِنديان، جيڪس پُونس ٽُن' (شاه).
هيءَ سِٽ مارئيءَ جي سُرَ ۾ ڪتيءَ جي ٽُنَ بابت آهي. شاه صاحب سري راڳ ۾ ٻيڙيءَ جي سوراخ بابت بہ 'تن' لفظ ڪم آندو آهي.
'تري ۾ ٽُن پيا، پاسنئون پاٽي' (شاه).

ٽوڏڄڻ = وڙهي پوڻ. هٿين پوڻ کان اڳ زباني ويڙهہ.

ٽُوري = ڦرن کي ڏاڻ کان روڪڻ لاءِ ڏبين، سوتليءَ وغيره مان نهيل وٽيءَ جي شڪل جهڙي رڪاوٽ وات تي ٻوتاري وانگر چاڙهڻ.

توهہ = سارين جو چِلر (ڳَلَ):
'پوري منڊ اُجاڻ، ڪڻ چِٽيو توه چونڊئين' (شاه).

### ٿ

ٿاڏارڻ = مانرائڻ، پرچائڻ نڳاري ضد تان لاهڻ، بار کي ضد تان لاهڻ.

ٿاڏارڻ = ٻئي هنڌ لڳائڻ لاءِ ڪو ٻوٽو پاڙودو ڪيڻ.

ٿَج = ماءُ جو ڪير.

ٿُڏو ٿورو = اهڙو ٿورو ڪرڻ، جنهن کي تسليم نہ ڪيو وڃي يا جيڪو حقيقت ۾ ٿورو ئي نہ هجي.

ٿَل ٻڌڻ = ڪا ڳالهہ بيان ڪرڻ کان اڳ ڪنهن قسم جي مصنوعي تمهيد ٻڌڻ.

ٿَم = چورايل مال لڪائڻ لاءِ ٻيلي وغيره ۾ ڪا ڳجهي جاءِ.

ٿُنيي هٿڻ = ڪتي اُيو تي ٻيهي وڃڻ، To stage sit in جو مفهوم ادا ٿئي ٿو.



ٿير = وڏو ٻڪر. سانَ چيلي ۾ جيڪا ٻوءِ هوندي آهي، ان ڪي ٿيري ڏپ چئبو آهي.

### ٽ

ٽاپيرو = مُٺ پيڙ، زور ڏيڻ ۽ مالش ڪرڻ وارو.

ٽارو = چئلينج، مثال 'ست ٽارا اٿئي، هي ڪم ڪري ڏيکار'

ٽاڪوڙو = ياڄ، پويان پير ڪري پڄڻ. 'ٽاڪوڙو وجهڻ' يعني ماري پڄائڻ.

ٽاندائي = چلم يا چُلهہ ۾ ٽانڊو تيار ڪرڻ وارو، حاضريءَ ۾ وينل شخص.

ٽِسينگ = وڏو، زبردست (اڪثر خار وچان چون).

ٽَلڻ = ترڻ.

ٽِندِ = سينڊ سرمون ڪرڻ، ڦُوڪَ شوڪ، لئي.

ٽُنگرپو = ٻن کي ويڙهائڻ ۽ ڦيٽاڙو وجهڻ لاءِ لائي چائي ڪرڻ.

ٽوڙهو = رسو (ننڍو رسي جو ٽڪر).

ٽولهر = وڏي جُون.

ٽوُنر وجهڻ = ڳالهہ ۾ وڌاءُ ڪرڻ ۽ مصالحو ملائڻ.

ٽولڙو = چٽر.

ٽهل ٽڪور = خدمت چاڪري.

### ٺ

ٺاڪ بَست = حد بندي (Demarcation).

ٺَنِي = مخول، ڪِلڪو ۽ وڏا ٺهڪ ڏيڻ، هلڪڙائي.

ٺُنيو = آڱوٺو، خاص طور ڪاوڙ وچان چئبو آهي. مثال: "ٺنئي جيڏي ڇوڪري جو دماغ خراب ٿي ويو آهي". 'منهنجي ڪهڙي ٺُني تي پئي آهي'! 'هُو منهنجو ڪهڙو ٺنيو پٽي وٺندو'!

ٺُڙ ٺَپ = هڪدم، جلدائي سان، خاص طور 'ٺڙ ٺپ جواب ڏيڻ'.

ٺَڳارڻ = گفتگو سان يا ڪنهن ريت ضد تان لاهي ڇڏڻ، پرچائي ڇڏڻ.

ٺَڪاڻ = مينهن ۽ ٻڪرين جي هڪ بيماري.

ٺِڪر پيڇڻ = چرچي طور چئبو آهي، ’فلاڻو اسان جي گهر آيو آهي، ٺڪر پيڇڻ ڪِپي.‘

ٺِنپي = تمام تڏو (پاڻي).

ٺُولهو = پنڻ لاءِ جست يا ٺڪر جو ٿانءُ (مونث: ٺولهي).

## پ

پاڇاتو = پوءِ يا دير سا ايندڙ (ضد: آڳاتو).
’پاڇاتيان پئي، ٿيو آڳاتيان اڳرو‘ (شاه).

پاڍڻ = وهڻ يا ڍور کي ڏکهي رسي سان ٻڌي چَرڻ لاءِ جهنگ ۾ ڇڏي ڏيڻ.

پاڙجهاڙ = بدلو.

پاندا = ٽٽن ۾ رهيل ڪير جا آخري ڦڙا.

پاندور = تاريون، جهوني ٻڙ جا لڙڪندڙ پاندور.
’ڪي ڏيناڪي ڏاريون، ڪي پن ڪي پاندور‘ (سانوڻ).

پبو = ڪِبو، جنهن جا ڏند نہ هجن.

پَتاڙ = اڳٺ، ڪير ڳالهائڻ ۾ ڏيگهه ڪري تہ ان کي ’پتاڙ ڪرڻ‘ چئبو.

پُتارڪ = هڙ يا ڪڙيو. سامان جي وڏي پري جيڪا پنن تي ڪٽجي.

پَٽ = پاڙو- قبيلو.
’آءٌ گڏو آءٌ گولاڙو، آءٌ بي پَٽو آءُ بي پاڙو‘(سانوڻ).

پَڄَ ڍائو = پوءِ ڍائو.

پَڇَنڊ = سهرا ڳائڻ سان گڏ ڍولڪ جي هڪ خاص وڄت.

پَڇندڻ = چندڻ، اَن وغيره سُپَ ۾ وجهي ڇَنڊڻ.

پَڇندي = پٽ ۾ تختي وانگر ناهيل هڪڙو خانو، جنهن تي هلڪو سامان رکجي.

پرائي بزگيري= پرائي نوڪري، ڪنهن وٽ نوڪريءَ ۾ پابند هجڻ جو اظهار ڪرڻ لاءِ چئبو آهي.



پَرَ ٻاهرو = ٻاهران ئي، ڪو ماڻهو هڪ هنڌان اچي پنهنجي گهر وٽان لنگهي، وري ٻي طرف هليو وڃي تہ چون ’(گهر آيو ئي ڪونہ) پر ٻاهرو هليو ويو.‘

پَرَ وَس = ٻين جي وس.

پڙڇ = ڪجيءَ جي ڦڙهن مان نهيل تڏو (mat).

پسوُري = پَسوُري پڌري ڪرڻ، معنيٰ پنهنجي اصليت تي اچڻ. ڪنهن بابت ڪک تي چئجي تہ ’نانيءَ واري پسوري آئي اٿس‘. ٻار گهڻو روئي ۽ ڪيڻو ڪري تہ ماءُ چوندي: ’الائي ڪهڙي پسوري آئي آهيس‘.

پنڊ = پاڻ - ’پنڊَ جو‘ معنيٰ ’پنهنجو.‘

پنئوُن سَٽِ = هڪدم، اُتندي ساڻ ئي.

پوجاڙي = شام جو وقت.
’پوجاڙيءَ پٽن تي ڪن ولوڙا وايون‘ (شاه)

پوٽينيءَ جو = پهريون اولاد.

پُٺاڏ = پويون حصو- ڏيڳي گاڏيءَ جي قافلي جو پويون حصو.

پيٽ ٻرندي = ساڙ ڪان يا حسد ۽ ڪاوڙ ڪان ڪنهن تي الزام هڻجي يا ڪا ڳالهه ڪجي تہ چون: پيٽ ٻرندي ٿو ائين چوي.

پيٽ پَرندي = گذران.

پينگهو = رسي جو ٺُڪر، جنهن ۾ سرڪ سايون پيل هجن، مال جي ڦرن کي ٻڌڻ لاءِ ڪم اچي.

## ڄ

ڄاڙ = اجايو، جُٺ جهڙو.
’حميرن هڪون، ڄاڙ جُسي کي لائيون. (شاه)‘

ڄاڙ جُٺ = گهڻي جُٺ ۽ هيٺ ڦيٽ.

ڄانڪَڻ = سنيالڻ (شين کي).

ڄِدَڻ = ڏڄڻ (جدڻو — ڏڄڻو).

ڄَزا = مصيبت، ڪم ۾ ماڻهو اڪثر ڪک تي چون: ’هن ڄزا مان تہ ڦاسي پيا آهيون.‘

ڄَنَبِ = جنم، سڄي ڄمار.

'ويا سي وهي، جنب گذاريم جن سين' _ (شاهه).

## ڄ

ڄَرَ = جوئر (Leech).

ڄَرَ = باهه جي تپش.

'ڪي ڏر تتي ماءُ، ڪي ڄر سندي سڄڻين_'(شاهه).

ڄَرڻ = ڏک يا ڇماٽ سان بيحال ڪرڻ.

ڄِيُون = سنهيون جون (جُيون).

'ڏُهلا مون ڏينهن ٿيا، پيم ڄام ڄِيون -' (شاهه).

## جهه

جهامُوتِجَڻ = وڙهڻ لاءِ ٻڪين پوڻ:

جهاوا وجهڻ = واجهائڻ، جهپا هڻڻ، ڪنهن شيءِ کي هٿ ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ.

جِهبِي = وهڻ جي لغام کي اوچتي ڇڪ ڏيڻ.

جُهرڻ = پڄي پوڻ، ڊور ڪري پوي ته اُن کي به جُهرڻ چون.

جَهرڻ = جنسي جذبي کان پڄرڻ (Tentatuin).

جهڪاڻِ = هيڻاهين.

جهڪور = ڪير مسلسل ڳيچ ڳائي ۽ ساهي نه پٽي ته چون: "ڳيتن جي جهڪور ڪٽي لاتي آهيس".

جِهمڻَ = جُهڪڻ. وڻ جا وڏا ڏار جهمي پون ٿا.

جهنگ ٻتِيار = ٻارن کي ڊپ ڏيڻ لاءِ فرضي پکي ('ٽيٽيار' نه).

جهنگراڙ ٻلو = جهنگ جو ٻلو.

جُهنڊ هڻڻ = ڪپڙي سان مُنهن ڍڪڻ.

جَهنڊوُلو = گهڻن وارن وارو.

جَهنڊِ = ٻار جا پهريان مٿي جا وار.

جهولَڻ = ڊري واٽيل ڪٽ.

جُهولَڻ = مڇي پڪڙڻ لاءِ ٻار ڪپڙي جي جهولڻ هڻندا آهن.

## چ

چارا = چٻارا، اهلون ڪرڻ ۽ نقل ڪرڻ.



چانپ ڪُڏو = گوڙ ۽ راند، ٽپو ٽاڙ ۽ ڪُڏڪارو، گهڻو ڪري ٻارن کي فهمائش ڏيندي چئجي.

چاٽِڪَ = طعنو، ٽنڪو ۽ مهڻو. اهڙو طعنو جو اڳلي کي تمام ڏکيو لڳي.

چِٽَرِ = مسخري، ٺٺولي:

'چڳن جو چوڻ ٿو، تون پانئين چِٽَرِ -' (حامد)

چِترِ = ٺُڪرو. ڪنهن ٿانءُ يا شيشي جو ڪو حصو پڄي پوي ته ان کي 'چِترِ لهڻ' چون.

چِڇڪو = ٻبر جو ٻج.

چَرِي = جاءِ جي بنياد لاءِ مقرر اونهائيءَ ۾ ڪوٽڻ، پَٽَ جي ديڳ چاڙهڻ لاءِ ڪوٽيل کڏ.

چَڙا چَتِي = چڙهت ڪرڻ. مقابلي جي حالت ۾ وڌي واڪ ڏيڻ.

چَڙو = مَٽر. وهٽجي ڳچيءَ ۾ ٻڌل گهنڊٽي.

'چڙن چوري آهيان، سک ٿي سمهان ڪيئن' _ (شاهه).

(مونث: چَڙِي) ننڍي مٽر کي مٽري چون، تمام وڏو مٽر هجي ته ڏگَرِ چون.

چَسي ڏيڻ = هٿ ملائڻ.

چِڪَ = ٿوري گپ، چلهڻ.

چارئي پهر چِڪَ ۾، پچين پاريهر وٺ. (شاهه ڪريم).

چِڪار = پرٿُو — پورو پورو پريل، ڀاول. مثال: ماني ڪائي يا لسي پي چڪار ٿيڻ يا ڪيسو پئسن سان چڪار هجڻ.

چِڪِڙڻ = ڦَرَ جو ڊائڻ ۽ ٽڻ کي چٻاڙڻ.

چِلهڙ = ڍنڍ يا ڀاڏ ۾ رهيل چپيل گاهه، اهڙي هنڌ تان جيڪا مڇي مري، تنهن کي 'لوهين' چون، ان ۾ چلهڙ جي بدبوءِ ٿئي ٿي:

چِمرڪو = چهنڊڙيءَ ۾ ٿورو حصو آڱرين جي وچ ۾ اچي ٿو، پر چمرڪي ۾ گهڻو حصو اچي ٿو.

چِندا ڪرڻ = ڪوئنس ڪرڻ.

جُهڙُ ڦُڙُ مٿي مارئين، جِت ڇيها چِلڙ چڪ. (شاهه).

چُنگ ڏيڻ = ماٺ ڪندي جو نالو وٺڻ يا برغلائڻ.

چِنگهَڻ = تڪليف ڪان ڪنجهڻ. بار ڪڻندي وات مان مخصوص ڪنجهه جو آواز اچڻ.

## چ

چار اوڳرائي= ڪَتي اوڳرائي، Heart burn.

چاڙَ پَٽَ = بنا ڏسڻ جي بانئو وغيره اچلائي هٽڻ.

چانِگرا = چاٽي ٻُجهي يا دل ۾ راضي منهن تي ماٺا ڪرڻ ۽ ناز ادا سان هڪ جي ٻي ڪرڻ.

چاٽُو = گهوڙيءَ وغيره جي لَڳَ لاءِ خواهش.

چِر = جن، ڀوت.

چِرڙِ = مڪر.

چِڙِ ٻِٽُو = چِڙِٻ، دڙڪو (ٻيو اُچار: چِڙ ٻٽو).

چِڙڪِ = ڦُڙت، هلڻ جو تڪو.

چِڪو چِڄڻ= ٺوڪ ڪان چون: ’جڻ ڪو چڪو چڄي پيو‘ يعني ’ڪو انصاف جو ڪم ٿي پيو‘.

چِٽَاٽ = چٽڪاٽ:
’ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهين چيرين جا چِٽاٽ‘- (سانوڻ.).

چِلَ = بچيل ٽڪرو، مثال: صابڻ جي چِلَ.

چيڪ چَڏڻ = آزاد ڇڏي ڏيڻ ۽ باز پرس نہ ڪرڻ.

چيڳرو = ٽرڙو، ٻي چيو ۽ چڙواڳ.

چيٽا پورَ = ٻن ڪي وڙهائڻ لاءِ ڪُتون ڪٽڻ جهيڙو مچائيندڙ ڪي ’چيٽا پور‘ چون، چرچي طور چون: ’پُر پُر چيٽا جنگ مچي.

## ڊ

دابڙو = ڪپڙن سٽڻ جو تختو.

داڙُو = مددگار:
’وير وسيلو آهئين، داڙو منجهه ديوان‘- (شاه).

دبڙاٽڻ = دٻائڻ ، دابو ڏيڻ.

دتِ ڪرڻ = مڪر ڪرڻ. مثال ڪوڙ ڪري ڪري پوڻ ۽ بيهوشيءَ جو نمونو ڏيکارڻ To Pretend



ڊُپُستو = ٿلهو متارو، مضبوط.

ڊُف ڪرڻ = خرچي ڇڏڻ. خاص طور مائٽن جي دولت ختم ڪرڻ.

ڊِڦ ڪرڻ = بَڪ ڪرڻ ۽ اجايو ڳالهائڻ.

ڊُنگهَ ڪرڻ = پندي ٻارڻ ۽ وري وري چوڻ.

دوڊِ = ڪُپت.

دوڳي = ڪاٺ جي وڏي ٻُندي.

## ڌ

ڌانڌلَ = تڪرار ۽ گوڙ. خاص طور وهنوار ۾ تڪرار ڪرڻ.

ڌُتارڻ = برغلائي ڪا ڳالهه مڃائڻ.

ڌڳڻ = ٻاه جا اُلا ڪڍي تيار ٿيڻ.

ڌِڳَ = ٿلهو متارو مڙس:
بار ڪي ٻاري ڪٽن، ڪي مڙس ڌِڳَ. (گل).

ڌُوجَ = چُوندڌُوج چِڻڻ مان مراد آهي تہ ڪا شي ڌُٽي (چوندي) ڪٽجي.

ڌُوڙِيو = سلسلي سان. مثال ڳارين جو ڌوڙيو.

ڌُوٽِڻ = وڻ ڪي لوڏا ڏيڻ جئن ميوو هيٺ ڪِري، لوڏڻ.
سُورَ ۾ ڏيو ڌُوڻ، آءٌ اڳ آهيان ڪانهلي. (شاه).

## ڏ

ڏابَ = گوڏ جو هڪ قسم جيڪا پراڻي زماني ۾ سٽڻ جي مٿان پائڻ جو رواج هو:
’آهي سهڻي ستر سان، سٽڻ مٿي چادر جي ڏابَ‘_ (گل).

ڏابَ = بڪواس. وات هڻڻ ۽ گوڙ ڪرڻ.

ڏابلو = دٻو، دٻلو (مونث: ڏابلي، ڏٻلي).

ڏاڙهڻ = ڪتي، جو چڪ هڻڻ لاءِ ڪِري دوڙي اچڻ ۽ چڪ هڻڻ.

ڏاميج = جيڪو ڏمر هيٺ اچي. مغضوب

ڏچو = آزار، اوچتي مصيبت ۽ پرائي آئي.

ڏسُڪڻ = سڏڪڻ، سڏڪا پرڻ:

ڏقير = ٻن ۾ ڦيٽارو وجهندڙ، اَڻ ٻٽت.

'ڏقو' شڪار جو هڪ هٿيار به آهي، ڏقو ساڻ رکڻ واري شڪاريءَ کي به ڏقير سڏبو آهي.

ڏکو ڪرڻ/ڏوڏو ڪرڻ=اک ڏيکارڻ، رعب تاب ڪرڻ. 'ڏڏو ڪجي ڏيکر ڪجي، اڳلو نه پڄي پاڻ پڄجي'. (خليفي محمود نظاماڻي ڪرڙئي واري جا ملفوظات) 'ڏڏو' ۽ 'ڏکو' هم معنيٰ آهن.

ڏڱهڻ = مت ڪسجي وڃڻ. ڪو اجائي هلت ڪري ته ان لاءِ چون ته فلاڻي جي ڏڱهي ويئي آهي.

ولاڙيو وٽين چڙهي، ڏسڪيو جهلي ڏار _ (شاه)

ڏوراڇو = حضور شرم. جيڪو ڪاڏي پيتي ۾ حجاب ڪري ۽ هر شئي نه کائي.

ڏوڪڻ = گهٽو پاڻي پيئڻ، جنهن ۾ ڳٽ ڳٽ جو آواز پيدا ٿئي.

ڏوگهڻ = ساڳي 'ڏوڪڻ' واري معنيٰ.

ڏونگهو = ميهڻو، طعنو

'ڏونگها ڏاڏي پوٽين، ڪن ڏنا ڪي ڏينَ. (شاه).

ڏونگهو = لوٺو، جنهن ماڻهو جو متو سنڌ جي رواج موجب وينل نه هجي ته ان کي 'ڏونگهي مٿي وارو' چون.

ڏڻُوتِ = پاڻي يا لسي وغيره گهٽي پيئندڙ.

ڏينارو = لڳت جو حساب. ڪنهن بدصورت ماڻهوءَ کي ڪاوڙ يا چرچي خاطر به 'ڏينارو' چون.

## ڊ

ڊابو = سفر ۾ تورو ترسڻ ۽ ويساهين ڪاڻ، تمام تورو ترسڻ کي 'پاڳوڙي چنڊ' چون.

ڊاڍ = هل بغادو، وڙهڻ مهل هڪل سان ڳالهائڻ.

ڊائي = ڏنل وقت، پروگرام، وعدو.

'ڊائي ڊٺ ڏاري، آهيم اُني مينهڙي-' (شاه).

ڊڙَڻِ = ڏاڍي مار ڏيڻ.

ڊُڳَ = وهڻ جو ٽپ ٽپ وارو اوکو پنڌ.



ڊُوڪَ = پاڻيءَ جي گهٽائي. مثال: ٻوڙ ۾ گهٽو پاڻي پوي ۽ رس گهاٽو نه ٿئي ته چون. 'ڊوڪ ٿي ويو'.

ڊوهي ڇڏڻ = روڪي ڇڏڻ.

ڊوئي ڏيڻ = قسم ڏيڻ. مثال: 'توکي بادشاه پير جي ڊوئي آهي'.

ڊِينبَ = مارَ.

ڊينبو = چوتو، ٻندرو ۽ ٽلهو.

## ڍ

ڍِٻي = پکي ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙڪي. ڪارو يا ڏلهو اُبتو ڪري، ان کي ڪاني آڏي ڏيئي زمين کان هڪ پاسو مٿي ڪري، ڪانيءَ ۾ رسي يا سوٽلي ٻڌي، ان جو چيڙو هٿ ۾ ڪري پري لڪي ويهي رهبو. پکي ڪاري هيٺ پيل داڻن کي چڳڻ لاءِ جڏهن ڪاري هيٺ پهچندو ته رسيءَ کي چڪ ڏبي ۽ پکي ڦاسي پوندو.

ڍُرڪائڻ = چئلينج ڏيڻ. ٽارا، هوڪارا.

ڍَرڪَڻ = بيماريءَ يا ڪمزوريءَ کان لانجهو ٿيڻ — ڪِرڻ.

ڍِيڪ اجائي ۽ تمام نامناسب ڳالهه.

ڍِينگ = تمام وڏو ماڻهو.

ڍَينگلو = پئسو. ڪڇيءَ ۾ به ڍينگلو چون.

## ر

راتي = چالاڪ ۽ حرفتي عورت.

رُپڻ = مشغول هجڻ.

رَتام = ڳاڙهو. انب جو نالو.

رقڻ = ڏکڻ. ڪنهن کي ڏکڻي وني ته چون: 'رقاڻي ٿي آهيس'.

رَڏي = ڏنگائي (گهوڙي جي):

رڪ رڪاڻي = لحاظ.

جاني جت وني ويا، ڪري رات رڏي. (سانوڻ).

رُنگَ = اصل ماپ کان ڪجهه وڌيڪ. جيئن ڪير ماپي مٿان ٻيو ڄَڪو (رُنگ) ڏيڻ، 'رُنگ رکڻ' معنيٰ اصل ڳالهه ۾ ڪجهه وڌاءُ ڪرڻ.

رُنگي = پاڻيءَ ۾ ٽبي هڻڻ.

رَواز = رواج. روازي ان کي چون جيڪو حرفتي هجي ۽ اٽڪل بازيءَ کان ڪم وٺي.

رُونٽِڙو = جنهن جي ٻانهن مڙيل يا پڳل هجي.

رِيپَڻِ = نڳارڻ، ريهي، ريپي ڪم وٺڻ.

ريجالو = ٻار جيڪو مائٽن جي لاڏ ڪوڏ سبب ڪري. ارڏو، اڍنگو ۽ ريڏالو.

رِيچَڪِ = ڦيرو. اوچتو خيال، جنهن سان مقرر عمل يا ورتاءُ ۾ فرق اچي وڃي، مثال: فلاڻي کي الائي اوچتو ڪهڙو ريچڪ آيو، جو اٿي هليو ويو.

## ز

زِرِ ٽِيڻ = ڪاوڙ ۾ تپي ٻاڙهو ٿيڻ.

زنبِر = ڪڙو، پِٽَر.

زور مس = زور ڪرڻ ۽ مشڪل سان (مڄائڻ).

زِيل = ريهه، ڪِيڪَ.

## س

ساٽڙيا ڳاڙيا = هڪ ٻئي سان صلاحي. ها ۾ ها ملائڻ ۽ ڪوڙ سچ ۾ شامل.

ساڳِل = ساڳيو.

ساڳُوٽو = ساڳيو.

سائُبرَ = يادگيري. مثال:

’منهنجي سانبر ۾ ههڙي ٻوڏ ڪونہ آئي‘.

سانهہ سَتِي= سڪون، آرام. ڪو ڪم تڪڙ کان سواءِ سڪون ۽ هوش سان ڪرڻ.

سَتِي جَتي = پاڪدامن.

سَنو = انتظام. بندوبست، پئسن جو سنو ڪرڻ يعني پئسن جو بندوبست ڪرڻ يا گهربل ڪم لاءِ پئسا هٿ ڪرڻ.

سُپَ تاريو = نج، بلڪل ٺيٺ، نبار، ’سپ تاريو ڪُوڙ‘ چون. ائين جيئن سپ ۾ تاري ٻرٿ ۽ ڪڙا وغيره ڏار ڪجن ۽ نج اناج بچي.



سَچ پَچاڻِي= سچ پچ.

سُرپُر = ڪن ۾ سُس پس.

’سُرپُرسيم، حب بہ هيم، پر ڏيرن هٿ جا ڏوري هئي (سانوڻ)‘

سَرو = ٽولو (سامين فقيرن جو).

’لنگهي ويو نو ڪنڊ ڪئون، سامين جو سرو‘ (بيدل).

سَگلو = صفائي پسند (ضد: اگلو).

سَلِ = سوراخ، جيڪو واڍو ڪاٺ ۾ ڪري.

سَماڙو = مالَ جي بيماري. هيءَ بيماري پيرن ۽ واتَ تي اثر ڪندي آهي ۽ ڊور هلڻ توڙي چَرڻ کان لاچار ٿيندو آهي.

سَڪاج = سنو ڪم ڪندڙ سگهڙ زال (ضد: آڪاج).

سُنئالو = نرم. ٻي معنيٰ آهي ’تورَ کان ٿورو وڌيڪ‘، اڪثر دوڪاندار کي چون: ’ادا ٿورو سنئالو تورج‘.

## ش

شاهوڙ = شاهي، وڏو- مثال: ’شاهوڙ نانگ‘.

## ع

عِلامت = مصيبت.

عِلتَ = بد عادت، سستي.

## ق

ڦَسو = بي همت (گار آهي).

ڦَڪرو = سخت (پَتِ) (ضد: پٽڙو)

ڦَڪڙِي = بيعزتيءَ جهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ، هروپرو ڪنهن لاءِ مشڪلات پيدا ڪرڻ، غير مناسب نمونو اختيار ڪرڻ.

ڦُونڊا = ٽُڪر، پرزا پرزا، چيهون چيهون:
لوئي جا لِڱن تي، ڦونڊا ٿي ڦاٽي (سانوڻ).

ڦُونگو = رُسامو.

قيتوڙ = اُهو ڪپڙو جنهن جو رنگ لهڻ وارو هجي، پڪو رنگ نہ هجي.

قيٺ = لعنت، ملامت، ڦٽ، لعنت.

ٻين جي شاباس ڪان، تنهنجي وٽي مون هيٺ قيٺ (گل).

## ڪ

ڪاني ڦانگو= ٻارڻ جون ڪانيون وغيره.

ڪارَ ڇيو = نياڳو، خراب وائي ڪندڙ. لفظي معنيٰ'ڪاري زبان وارو'

ڪاڳر = ڪاغذ.

'ڪاڳر قربين جو، ڪانگل آندو ڪالَ- (گل سومرو).

ڪال = ڪالهہ.

ڪالوٽو = ڪالهوڪو.

ڪانديرو = نوڙيءَ ۾ ڪنڊن مان ڦُرَ لاءِ ٿُوري ناهڻ، جئن ڏائي نہ سگهي.

ڪُتِ = سنها جيت، جيڪي چڪ پائين.

ڪَتِ = ڪُتيءَ ۾ لڳ جي خواهش.

ڪَتَ = زمين ۾ ڪوڏر وغيره سان ڏڪ ڏڪ هٽي نشان ڪري ڇڏڻ، ڏاڙهيءَ جا ڪَتَ وناڻڻ.

ڪُتاٽُو = ڪتن جو وڄايل.

ڪَٿَرَ پَوڻ = دل ۾ غير اچڻ، ويچو پوڻ، شڪ پوڻ:
'ڪٿر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن'- (شاه ڪريم).

ڪَٿِ = نڙ ۾ الغوزن جي هڪ ڦوڪَ.

ڪڄاڙو = ڇا. شاه صاحب هنڌ هنڌ ڪم آندو آهي.
ڪڄاڙو ڪهان، توکي معلوم سيڪي.
سو تون ڪڄاڙيا، سِڪڻ جون سڏون ڪرئين.
منهنجو ڪڄاڙو، پينر هن پنيور ۾ (حمل)

ڪَڏَرَ = چانهہ جو ڦوڳ.

ڪِرهو ڪيڻ= ڏرٽو هٽي ويهڻ.



ڪَڙائڻ = ستائي تنگ ڪرڻ. مثال: 'فلاڻو اهڙو ڪڙايل آهي جو وري هيڏانهن منهن نہ ڪيو اٿس.'

ڪُڙڄڻ = ويهي ويهي ٿڪجڻ، جنهن ۾ هٿ پير سست ٿي وڃن.

ڪڙيا ڪاتتا = واهہ، واٽر ڪورس وغيره.

ڪَسِيرو = پراٽي (گڏيل پارت واري) پئسي جو چوٿون حصو.
تور ۾ تولي جو چوٿ. 'ڪسيري جو ڪرڻ' معنيٰ بي عزتي ڪرڻ.

ڪُماڙهُو = خراب ماڻهو.
'سو ماڳوئي ڦير، جتي ڪوڙ ڪماڙئين'- (شاه ڪريم).

ڪُندرو = پاڻيءَ ۾ ٽبي هٽي چُو چِٽائي راند ڪرڻ.

ڪَنڌار = مضبوط ۽ قدآور مڙس.

ڪَٽِسَ = بخار جي ٿوري حرارت.

ڪَٽِسِ = ڪيس، هن ڪي.

ڪُوارَ = پِٽ، بد لفظ.
'ڪُوارڻ سدا تنهنجو ڪم تو ڏسان' (حامد).

ڪوٽِرو = ڳوٺرو، ٿيلهو، ٻجڪو (مونث: ڪوٽري).

ڪوڙ ٻچاٽي = ڪوڙي نموني.

ڪُونئرو = نرم، 'پير پٽائي ڪونئرا، ڏونگر مٿي ڏي' (شاه).
ڪو ماڻهو ضد ڇڏي پوري پير تي اچي تہ چون:
'هاڻي ڪونئرو ٿيو آهي'.

ڪِينجهر = ڪنهن شئي جي گهٽائي. اڪثر چون: 'شڪر آهي ڪير ۾ اَن جا ڪينجهر لڳا پيا آهن.'

## ڪ

ڪاٻاڙڻ = خراب ڪرڻ، خاص طور زمين ۾ مال چَرا ڪري تہ ان وقت چون.

ڪاٽِ = گهر پيجي، ڪوٽي چوري ڪرڻ.

ڪاٽائو = ڪٽي ڪارائيندڙ. مثال: 'ڪاٽائو پُٽ.'

كاري ٽيڻ= خار رکڻ، دشمني رکڻ. مثال طور ڪو ماڻهو ڪُتي کي بانٺو اُلاري ۽ ڪتو ان کي جڏهن بہ ڏسي تہ ڀڪي، ان وقت چون تہ ڪُتو هن سان ڪاري ٽيو آهي.

ڪاسارو = اجايو ڪم. جنهن ۾ هٿ وجهي ڦاسي وڃجي.

ڪامڙيو = ڪاٽي ڪٽندڙ.

ڪامَ ڪوسڙو = حاسد، دل جو ڪوڙو.

ڪامَڻ = سڙڻ. ڪرمر ڪامي، پچي. آءٌ ويندي در دوستن جي (شاهہ).
ڏاران لڇڻ ڪامڻ پچڻ، هاجي هجڻ جهوريءَ جهجڻ،
محبوب وٽ ڪا التجا، آهي عبث آهي عبث (گل).

ڪامو = وڏي ڳڏ، جنهن مان مٽي ڪوٽي ڪڍيل هجي.

ڪانئِڻ = ساڙڻ. لاڙ وانگر ٿر ۾ بہ گهٽو استعمال ٿئي ٿو:
اڇيون تہ ڪانچون سنڌئين جون ڪانئيان،
مون کي ڪٽيرو وٽيو (ٿري لوڪ گيت).

ڪانچڻ = ڪاپڻ آئوٽ (out) ٿيڻ، ڪانچائڻ يعني آئوٽ ڪرڻ.

ڪانڪور ڪرڻ= دٻ ڪيڻ، گوشمالي ۽ مار ڏيڻ.

ڪانهارَ = مينهن کي پڻن ۽ ڪنڌ وغيره تي نرميءَ سان هٿ ڦيرائڻ ۽ ڪنهڻ.

ڪُتِ = ڇهنبياري ڪاني. ڪانيءَ جو اُهو ننڍو ٽڪر جنهن جو هڪ پاسو ڇهنب وارو هجي، ڪو ماڻهو وڏي عمر جو هجي تہ ان لاءِ چون: ’فلاڻو ورهين جي ڪُتَ آهي.‘

ڪِٿَ ڪٽڻ = جهيڙي جهڙي ڳالهہ ڪرڻ.

ڪُٽڪو = ڳٽي.

ڪروٽَ = ننڍي مسجد، جنهن جا نشان رڳو سرن جي هڪ قطار يا ڍنگرن سان واضح ڪيل هجن:
ڪُڏيون ۽ ڪروتون، ايءَ پڻ سڳر ٿوڪ (شاهہ ڪريم).

ڪُرِي = پُنگ. چوري ٿيل مال جا پئسا وٺي مال موٽائڻ.

ڪُريو = پير، ڪُر (مال جو).



ڪڙاهہ = گهرَ يا واڙيءَ جو دَر (يا جيڪو ڍنگهر لنگهہ کي بند ڪري.

ڪِڙڻ = مِڙڻ وقت مينهن وغيره جو لت هٽي ٿهي وڃڻ.

ڪڙو = ناغو. مينهن وغيره ڪو وقت (صبح يا شام) نہ مِڙندڙ هجي تہ ان ناغي کي ڪڙو چون.

ڪڦيل = ڪڪ، بيزار.

ڪکر ۾ ڪڙو هڻڻ= فساد اُٿارڻ. جيئن ڏينيوئن جي ڳگر ۾ ڪڙو هڻبو تہ اُهي اٿندا.

ڪُڳڻ = حافظي ۾ هرڻ يا ڪنهن ڳالهہ جا نتيجا ذهن ۾ اچڻ.

ڪڳا ڪوهر ۾= چوٽي آهي: ’ڪڳا ڪوهر (ڪوهہ) ۾ مريون مهند (اڳ) پيون ڪٽجن‘، يعني وقت کا اڳ تياري ڪرڻ.

ڪڳِي = هڪ قسم جا تڪبنديءَ وارا لفظ جيڪي چرچائي يا مسخرا خاص طرز ۽ ڳِنڪار سميت ڳائيندا آهن.
مثال: ڏاڙهين وارا ڏور ڪريو، جلفن وارا جهٽي، مڙس ڪنيو موچڙو، ڏس تہ ڪيئن ٿي پٽي، پنهنجي ماني ڪايو، مڙس جي ٿي تڪي.
هڻ تہ چورا ڪڳي، ڪڳ .....ڪڳ (هيءَ ڪڳي ۽ ڳنڪار آهي).

ڪڙيو = سامان جي هَڙَ.

ڪُنڌ ڪُنڌ = ڪِل ڪِل، ڪُرڪو ۽ جهيڙي جهڙي پڻ پڻ.

ڪنڌسَو = جهيڙو فتنو (زباني ڳالهين ۾ بہ).

ڪنٻ = گهارو.

ڪُنٻ ڪٽڻ = وڙهڻ جو بهانو ڳولهڻ ۽ شروعات ڪرڻ.

ڪُنٻو = دل جو ڪوڙو ۽ اونهو جنهن جي دل جي ڪنهن کي خبر نہ پوي.

ڪنڊو = جنهن جا ڏند پڳل هجن.

ڪُڻ = طرف، ڏس (Direction):
اُتر ڪُڻَ ڪان ڪنوَن ڪنوٽيون،
ڪنوٽين ڪيل لاياوي. (احمد ملاح).

ڪوٻِلو = ڪوٻو. ننڍي ڳڏ.

ڪُورو = بني جنهن ۾ سرُون پچائن:
اَديون آريچن لئہ، آءٌ ڪوريءَ جئن ڪاٽي (شاھ).

ڪؤنس ڦٽائي= ڪؤنس، هٿ چراند ۽ ڪنهن کي هرو پرو تنگ ڪرڻ.

ڪيانتو = نياپو پهچائيندڙ:
اڄ پرين جي پار جون، ڏي ڪيانتا خبرون (گل سومرو).

ڪُهڻ = ٽڪجڻ: مَين مٿي سمرا، ڪُهين سڏ ڪرين (شاھ).

ڪِه= دز، مٽي:
ڪڙيون که پُڪليون، پگهر سِر پيرن. (شاھ).

ڪيٽو = رسامو، اَبڙي:
ڪٽرن ڪيٽا چڙيا، جي مڙيون ٽي مس (شاھ).

ڪيپ ڪٽڻ = ڪو ماڻهو اجايو ڪم ڪري ته ٽوڪ طور چون: ’ڪيپ ڪٽي اٿس‘.

ڪِيرَ = مبارڪباد:
’گهر تنين جي ڪِيرَ، اَملهہ جن اوپائياً (شاھ).
’سڄڻ گر لائي، ڪيرون ڏينديس جيڏئين‘ (شاھ).

ڪيڪار = آڏر پاءُ ۽ پليڪار. اِن معنيٰ ڪانسواءِ اڪثر چرچي طور ٻي معنيٰ ’مار ڏيڻ‘ جيءَ ۾ بہ ڪم اچي.
مثال: ’مون فلاڻي جي چڱي ڪيڪار ڪئي آهي‘.

## گ

گاسو = ڇيهو، نقصان.

گانجرو = ڏنبو. ڪو ڪنهن کي ڏک هڻي ته چون: ’فلاڻي کي بہ ٽي گانجرا وهائي ڪڍيائين‘.

گائون ’مائون‘= نٽائڻ، منجهڻ، گوٽناٽ ڪرڻ To hesitate

گِبيتِ = گهر ڄِي نهيل هڪ مٺائي، جنهن ۾ ڳڙ، لونگ، مريون (ڪارا مرچ) دال چيني ۽ سُنڌ پوي.

گجگاه = وڏو ٻيلو يا جهنگ.

گِڊِي = ڪُپت (راند ۾).

گرِ = ميراڻ ۽ مٽي جيڪا بدن تان مهٽي لاهجي يا ڪپڙي مان ڌوئڻ سان نڪري.



گرِڻِ = مانيءَ يا مٽ جي ڪنڌ وارو حصو.

گرَڻِ = ڪتي جو گير ڪرڻ ۽ ڀڪڻ:
جاڳايس جنبورَ، ڪُٽي قريبن جي،
ڀي ڀڪي اُٿيو، گهڏي مَنجهان گورَ،
سَڀ لاٽائين سُورَ، گِري هن غريبَ ٿان.

گرِگلو = ڊِرو، ويڪرو، ڪپڙو جسم جي ماپ کان وڏو هجي ته بہ گرِگلو چون. چوڙي ٻانهن ۾ ويڪري لڳي ته بہ گرِگلي چئبي.

گرِ گان = پوڙهي عورت.

گِڦَ = بڪواس.

گُڪو = ماڻهو جيڪو سڌو بيهي نہ سگهي ۽ ڪُٻو هجي.

گوپي = گهپي. ٻار جو ڪيٽو.

گُوچانِي= ڪِيسو.

گولو = غلام، نوڪر:
سچو اصل ڪان آهي، گولو غلام تنهنجو (سچل)

گِيسر = ڪم ۾ دير ڪرڻ.

گيگهہ = مِڪِر (To pretend).

گيلاٽِي = ليٽاڙا ڪندو وڃڻ، ڪو ليٽ پيٽ ڪري يا اُپڪپري ڪان هيٺ تي ليٽندو وڃي ته اُن ليٽڻ کي ’گيلاٽي ڪائڻ‘ چون.

گينداڙڻ = گِهلڻ، هيڏانهن هوڏانهن ڇڪڻ.

گينگهو = هڪڙو ننڍڙو سرنڊڙ جيت.

گينوار = بي خيالي. ڌيان نہ ڏيڻ.

## ڳ

ڳالهوڙو = ٿوري ڳالهہ مان ڪو وڏو معاملو ٿي پوي ته چون: ’ڳالهہ مان ڳالهوڙو ٿي پيو‘.

ڳانڍِي = ڪپڙا ڌوئڻ يا مٿو ڌوئڻ وقت عورتون وڏي گنديءَ جي گوڏ ٻڌنديون آهن، جنهن جا بہ ڇيڙا ڇاتيءَ تان آٽي ڪنڌ وٽ ڳنڍ ڏبي آهي ۽ سڄو بدن ٻڪين تائين

ڏکجي ويندو آهي، فقط ٻانهون ۽ پنا ڪليل رهندا آهن.

ڳٽِ = سانَ ڪي ڪاٺ ۽ رسي سان ڪنڌ ۾ ٻڌڻ:
’زيريين ٻيڙئين لوھ ۾، ڳٽن ڪيس ڳاھ‘ (شاھ).

ڳئِنڍ = مينهن يا ٻڪريءَ مان ڪير جون سيڙهون هڻڻ.

ڳرانُ = ڪان

ڳري = وٽ.

ڳُگ = ٽڏو، برف جهڙو، ٺري ڳگ تي پوڻ.

ڳِلو = لولو. جيڪو سوڪ نہ هجي، آلي زمين ڪي بہ ڳِلي زمين چئبو آهي.

ڳُنڊڻ = لسي، ڪير، چٽٽي يا ٻوڙ، جيڪو ماني سان ڪائجي. ’ڳنڊ‘ بہ چون، ’ڳُنڊي ڪائڻ‘ يعني ٿورو ٿورو ڳِنڊڻ سان ملائي ڪائڻ.

ڳِنهڻ = ونڻ، خريد ڪرڻ (ڪڇي).
جانينهن ڳِنهندي نانءُ، سا مون جئن پوندي، مامري (شاھ)

ڳڻِ ڳوت = دل ۾ حساب لڳائڻ، ويچارڻ.

ڳوڏو = اُن ٻار ڪي چئبو آهي، جنهن لاءِ سوچجي تہ هاڻي اُهو ننيڙو ناهي، پر ڳوڏو (وڏو) اچي ٿيو آهي.

ڳھ ڳنو = زيور.

## گھ

گھارِي = سنگت ۾ ويچو.

گھاڙوُ = منظور ٿيل ۽ وهندڙ رستو.

گھيِڙ = ڪٺ مست ۽ اٽل ارادي وارو مڙس.

گھُٽَ = ڪنهن ڪم ڪان بچڻ لاءِ ڦيرو ڏيئي لِڪي وڃڻ، درين راند ۾ بہ ليڪو ٽپڻ لاءِ جيڪا ڦيري ڏبي آهي، ان ڪي گھٽَ چئبو آهي.
هل هنئين سين هوت ڏي، گھُتون گوهيون ڇڏ- (شاھ).

گھِمتاري = گھُٽَ يا ڦيرو ڏيئي ڪيڏانهن هليو وڃڻ.



گھٽمَتيو = گھٽن جي صلاح تي هلندڙ، پر متڙيو.

گھُٽو = جيڪو ٺڪَ مان ڳالهائي.

گھوٻاٽو = ڏنبو، جنهن ڪي هڪ ڇيڙي تي متو نهيل هجي.

گھُوچو = لوڏو، اوچتو خيال.

## ل

لاٻڙ چَٽو = ڪايار، چَٽو ڪندڙ، وقت بي وقت ڪائيندڙ.

لاٺِڻ = گھر (چوُنڪيءَ) ۾ بنيادي ۽ وچ وارو ڪاٺ.

لاڪاس = هُن لاءِ

لالانگھري = آسري تي.

لاندارو = مسخرو.

لانٺُون = معمولي، سادو، گھٽ قيمت وارو (Inferior).

لَبِ = لالچ.

لَتاڪو لاھڻ = ڪنهن ڪم مان واندو ٿيڻ.

لُتڪائڻ = ڪُتي جو پڇ لوڏڻ.

لِچَ = ٿورو، اڻ لکو تعلق (A slight link).

لَرِ لَرِ = بڪواس، زبان درازي.

لَڙهَڻِ = گھوتڻ، حمام دستي ۾ ڪا سُتي ڦڪي گھوتڻ.

لَڙھو = وڏي لٺ، جيڪا تازي وڍيل هجي.

لَڙھ لڳڻ = ڪنهن جي ٻٽاڪ تي لڳي وڃڻ.

لَڙهو هڻڻ = ڪوڙ ۽ گشو هڻڻ. ڪنهن ڪي نڳڻ لاءِ غلط بيان ڪرڻ.

لِڪَ = ذرو، ’ لڪئي منجهان لِڪَ، ذرو ضايع نہ ٿئي- ‘ (شاھ).

لَلِ = ڪرم:

لَندبوري = بدمعاش عورت.

لنگوتاڙي = بدمعاش ۽ بي حيا عورت.

لَنگُو = ڪمزور، عيب وارو:
’سپريان جي ساٿ، لانئو لنگو ميڙئين‘- (شاھ).
’ڏيئي ريچ رائڪ ڪي، ڪيئين لوڙي تي لل‘ (شاھ).
بي معنيٰ: ’اهليت‘ جي اٿس. مثال: ’فلاڻي ۾ لل ڪونهي‘.

لوڻيو = رولاڪ، بيڪار.

لورو = ڪنهن خواهش جي تڪميل لاءِ رلندڙ.

لُوهَ = گُهٽَ. اُبهرائيءَ سان ڦيرا پائڻ، ڪو ماڻهو پئسن خاطر تنگيءَ ۾ هجي ته چون: 'لوهن ۾ آهي'.

ليلڙات = ليلائڻ.

## م

ماترائڻ = پرچائڻ، ٻار ڪي ضد تان لاهڻ.

ماٺِمانوڙو = چپ چپات، خاموشي.

ماڄِي = شاديءَ ۾ ڪنوار جي طرف جا ماڻهو، 'ڄاڄي ماڄي ڄڄ مڙي ريجهي آيو راڄ'.

ماچ = تولهه.

ماچو = گهوڙن جي بيماري، جنهن ۾ گهوڙو هڪ پير ڪان منڊو ٿي پوندو آهي.

ماديءَ مُنهُون = زالاڻي منهن وارو، جنهن جي منهن ۾ حشمت نه هجي.

مَار = مينگهواڙ چمڙي کي صاف ڪرڻ لاءِ ان کي چوڏن جي پاڻيءَ ۾ وجهي رکندا آهن، مٿان چمڙو تنگيل هوندو آهي ۽ هيٺ هڪ ڪونڊي ناهيندا آهن. ان کي مار چئبو آهي، اها مار گهر کان پرڀرو ناهبي آهي.

ماڙُهو = ماڻهو.

ماندِ = (مهند)، اڳ.

ماندان = (مهندان)، اڳيان.

ماندوٽُون = اڳوٽُو.
'هيءَ جا ڪيئي هاءِ، سا ماندان ايندءِ منهن ۾-' (شاهه).

ماندري = همراهه، ساٿي. مثال: 'ماندري وارو ڪر، هي ٻار نه ڪٽاءِ'

مائڊِيون = اڳيون.

مانگڙاتِ = مهانگائي.



ماهڙ = مينهون ڏاريندڙ. لاڙ ۾ رهندڙ هڪ ذات، جيڪي پاڻ کي منترن جي هڪ شاخ (اوڙڪ) سڏائين ٿا.

مائِي = ماتا (Small Pox).

مُتَقِي = لاڙ ۾ هن لفظ کي اصل معنيٰ سان گڏ ٻي معنيٰ به آهي، ڪو ماڻهو مسلسل هڪ ڪم ڪندو رهي ته چون: 'هُو متقي هي ڪم ڪندو رهي ٿو.' يعني نماز وانگر.

مَٿير = بهادر، جوڌو جوان.

مَٺڻ = لنگهڻ، بدلائڻ.

مُٺ پيڙڻ = مُٺ بند ڪرڻ:
'مُٺ پيڙيائي پلي، جو اُپٽي ته واءُ-' (شاهه ڪريم).

مَنگُهرو = بدخواهه (ضد: گهٽگهرو).

مُنيس = ڦاتيس، مري ويس (زالاڻي ٻولي):
'مُنيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهه م ڪرهو' (شاهه).

مِجيجي = جيڪو ڪنهن جي احوال کان پورو واقف هجي.
چوندا آهن: 'مائٽ مري وڃن، مجيجي نه مرن'.

مُڇو ڏيڻ = ڪانيءَ يا ڏکي کي هڪ پاسي کان چلڻ.
'ڪامون مڇيجاهه، گهٽيون گهرجن اونيا' (شاهه).

مَرجات = لوڪ لڄ.

مِرچ لڳڻ = ڪنهن ڳالهه تي هرويرو ڪاوڙ لڳڻ.

مِرگهِيل = بيمار، مرڻ جهڙو.

مروٽڻ = زور سان موڙڻ.

مَرهَڻ = معاف ڪرڻ. 'فلاڻي کي خدا مرهي'.

مَڙهو = پوڙهو، ڪمزور. مَڙهَ (مُردي) جهڙو.

مسڪِڙو = ظاهر نماٽائي ڏيکاري ۽ خوشامد ڪندڙ، اندر ۾ چالاڪ.

مَسِيت = مسجد (اڪثر 'مِسِيتِ' به چون).

مَڪ = ننڍڙا پيرون.
'مارو وڃن مال سان، ميڙيو آٿين مڪ'- (سانوڻ).

مَڪو مَڇڻ = مزو لڳڻ جيئن چڙواڳيءَ سان سيڪجهه ڪري سگهجي.

مُڪبو = ڍڪ وارو ٿانءُ، خاص طور ڪاٺ جو چٽيل مرتبان.

مَڪِ چَڪِ = هار سينگار، ڦٽي ڦوڪارو.

مَلِنَڻِ = گهر جي ڪم ۾ گيسر ڪرڻ ۽ نلهو وقت وڃائڻ.

مَلوائِي = ٽڙي، دڙڪو داٻ.

مَمَڻ = جهيڙو.

مَناڙَڻِ = مهڻ 'مناڙين هٿن سين، اڪئين ڪين ڏسن-' (شاهه).

مُندو اٿڪائڻ= سامهان جواب ڏيڻ ۽ ننڍ وڏائي نه ڪرڻ.

مَنگلي = ٿلهي چوڙي.

منگوچاماٽڻ= مزا ڪرڻ خرچ ۾ بي اعتدالي ڪرڻ ۽ پئسو اُڏائڻ.

مِنڊو = ڊِرو. ڪاٺڻ يا هلڻ ۾ ڊرائي ڏيکاريندڙ.

مُندبيون پائڻ= ٻنهي هٿن جي آڱرين کي پاڻ ۾ پچائي، هٿن کي ڪنڌ پٺيان رکبو ته ان کي 'منديون پائڻ' سڏبو ۽ اِها نياڳ جي نشاني ليکجي.

مَنڻ = ڪپڙن کي ڌوئڻ لاءِ ڪونديءَ ۾ يا دابڙي تي مهڻ.

مَنوتِي = دلجاءِ، اطمينان.

مُنهن اونداِئي= سج لٿي مهل کان ٿورو پوءِ جو وقت.

مُنِي = مال ٻڌڻ لاءِ وڏو آدم قد ڪِلو.

مَواڙِ = ٿلهو متارو پاڏو يا ٻيو ڍور، اڪثر چرچي طور ماڻهوءَ کي به چون.

مَواسِجَڻِ = آپي کان نڪري وڃڻ ۽ ڪنهن ۾ اک نه ٻڌڻ.

موٺو = ڍلو، منجهيل. 'موتارو' به چون.

مورڻ = اُپڙڻ، پيدا ٿيڻ (گاهه جو)، پکيءَ جا ڪنپ مورڻ.

مورو = مُنهن جو ڪچو، ڪاڏي وقت حجاب ڪندڙ، ڏوراچو.
شاهه پنائي نڪَ جو مورڻ به چيو آهي:
وڍيا تان نه وڃن، پاٽان موريا منهن ۾.

موڙهاٽ = هُرڪُر، شوق، جنسي بک.

مولاتو = اڏو ڦڏو پگڙ، پٽڪو.

مِهاڳ = مينهون.

مَهنڊِ = ڏاڳن ۽ مٽين سان نهيل ننڍي ڳاني، ڏور کي ڳنديون ڏيئي ڦرن لاءِ مهند ناهين.

## ن

ناڏ = رڙيون، پار ڪيڻ ۽ اوچنگارون ڏيڻ:
'ناريون ناڏ ڪرين، راجا رات رم ڳيو'- (شاهه)

ناسَ پتو = نڪ پتو، حيا جو احساس، شرم.



نالَ = مينهن کي 'مان مان' ڪري سڏڻ.

نالتَ = لعنت.

نِبار = نِج، ٻنان ملاوت جي.

نَتَرِ = گهٽن پڪين يا جيتن وغيره کي ڏسي چئبو آهي. 'ماڪوڙين جي نتر' گهٽائيءَ جو مفهوم ادا ٿئي ٿو.

نِپُوئَڻِ = ڪنهن شيءَ کي هٿ ۾ جهلي زور ڏيڻ مثال: 'ڪو ٻارڙو تازي ڦُتل ڪڪڙ جي ٻچي کي هٿ ۾ زور ڏي ۽ نپوڙي.'

نِڌانِ = نيٺ، آخر. گراهڪ دوڪاندار سان ريڙه پيڙه ڪندي چوندو آهي: 'ڪاوڙ لٿي، نيٺ نِڌان ڪيترو وٺندين.'

نِرَهِ = مايوسي، نا اُميدي.

نِرجو = نڪ جو ڏاڍو، جڻ ڦٽ سهي ويندڙ، بي شرم.

نڪ چپ وڍيو= بي حيا، بي لڄو.

نُڪوتَر نڪرڻ= ٻار جو ڪرڻ ۽ ڏنگو ٿيڻ. اڪثر چون: مائٽن جي لاڏ ڪوڏ ٻار جو نڪوتر ڪڍي ڇڏيو آهي.

نوُجڻ = رسي جو ٽڪر، جنهن سان مال کي ونگجي، (ٻيو اُچار: جوجڻ).

نوُڌ = نڪ جو نرجو، ملامت کان بي پرواهه.

نُوسِ نُوسِ= ڪتي وانگر سونگهڻ 'ڪو ماڻهو ڪتي گهڻو ڏسن ته ان لاءِ ٽوڪ طور چون ته نوس نوس پيو ڪري.'

نِياتِ = ذات پات، قبيلو. نيات مان ان کي ڪيبو آهي، جنهن تي ڪنهن ريت ميار هوندي آهي.

نيساڪو = ٽٽو ساهه، ٻار اڪثر اهڙو وڏو ۽ گهرو ساهه کڻي جڻڪ ڪنهن شيءَ جي گهر ٿو ڪري.

## و

واتِ رادو = گهڻو ڳالهائڻ وارو- خاص طور وڙهڻ جهڙو ڳالهاءِ ڪرڻ وارو.

واتَ ڦاٽو = پيٽ جو هلڪو- جيڪو بنا سوچ جي ۽ بي ترتيبيءَ سان ڳالهائي يا منجهس ڪو لڇڻ نه هجي.

وات ڪرڻ = بڪ ڪرڻ.

وات وجهڻ = وڙهڻ.

واڇان = چري، بي سمجهه، چوٽي آهي:

واڏاني = ريسَ، ٻار کي ريس ڏيارڻ کي 'واڏاني ڏيارڻ' چئبو آهي.
چريون ڏيئي چار، واڇان ورتيسين هڪڙي، تنهن جا کهڙا پارَ، رسو ڪٽي تي ڇيٽا چوندي.

واسِرو = فرحت، تڏڪار (ضد: گُهٽ، رُگهه).

وائڪائِي = تڏڪار ۽ واسرو- ڪنهن جي راز جي ڳالهه ظاهر ٿي پوي، جنهن مان سندس شخصيت تي اثر پوي ته چون: 'پٽ وائڪي ٿي ويس' (To be exposed).

وَٽاپو = حاصلات. 'فلاڻي کي هِن ڪم مان کهڙو وٽاپو آهي_'
محبت وٽڻ چرين ڪنا ....الخ (گل).

وَٽ ڪرڻ = موسم جو ميوو پهرين کائڻ.
'پنهوار کي پڪڙين، وجي ڪريان وٽ'- (شاه).

وڏاڻو = شاديءَ جي پٽري ٿيڻ يا ٺهر وغيره جي موقعي تي خوشي ڪرڻ، وجائڻ، ڳيچ ڳارائڻ ۽ ڳڙ وغيره ورهائڻ.

وڏاندرو = وڏو- 'وٽائي وڏاندرا لاڄو لڳائينس'.
'وڏاندريون وه سامهيون، جهجهي زور جنبن'- (شاه).

وڏ ڪري کائڻ= گهٽو ۽ گهرج کان وڌيڪ کائڻ.

وڏِي = چمڙي جو پٽو، جيڪو ڪتي جي ڪنڌ ۾ ٻڌجي.

وِجا = اهليت، طاقت، جاڻ.

وِڇاڻ = بسترو.

وچورڻ = ڪپڙو پاڻيءَ ۾ وجهي ڌوئڻ، ٿانءُ پاڻيءَ مان ڪڍڻ، خاص طور صابڻ يا ڪا ٻي شيءِ ڪم نه آڻجي، بت تان پاڻي وجهڻ کي 'لڱ وچورڻ' چون.

ورچَڻ = ڪڪ تي پوڻ- جيڪو ڪڪ نه ٿئي، ان کي 'اورچ' چئبو:
'سنپاري کي سڄڻين، ورچي تان نه ويو'. (شاه)

وَرنائِڻ = ٻڌي ونڻ (۽ جواب ڏيڻ)، تدارڪ ڪرڻ:
'راجا رتولن ۾، ورنائي وائي-' (شاه).

وَرَندِي = جواب (سوال جو).

وَڙڪَڻ = گهمڻ، پسار ۽ ڇهل قدمي ڪرڻ.

وسِتو = دير سان.



وِسلَڻ = خراب ٿي وڃڻ. خاص طور ماني سوڪ نه ٿئي. ۽ آڏي ڦڏي تي سِلجي وڃي.

وِسهَڻ = اعتبار ڪرڻ.

وِڪ = زهر.

ولاڙ = ڊوڙ ڊُڪ:
'توڙي ولاڙون ڪرئين، توڙي هلين وک'- (شاه).

وِلِلَ = وِقِلَ، بيماريءَ ۾ اجايو ڳالهائڻ.

وِناڻ = ساز (سُرندو، نڙ وغيره).

وَنَاهه = ونواه.

وَنَڪَ = رنگ، ظاهري روپ:
وکر هٽي ونڪ، ڪنجي ڪارو ٿيو. (شاه).

ووءِ ووءِ = هاءِ هاءِ.
'ووءِ ووءِ ڪندي وتِ، مڇڻ ووءِ وسارئين'- (شاه).

وِهِ = زهر
'وٽيون وهه گاڏڙيون، پري ڪوه نه پئين'- (شاه)
'عاشق زهر پياڪ، وه پسيو وهسن گهٽو'- (شاه).

وِهائِڻ = گذارڻ، رات جاڳي گذارڻ، روئندي رات وهائڻ.

وِهسڻ = خوش ٿيڻ (ڏسو: وهِ).

وِهِڪڻ = مينهن وغيره جو ڪير گهٽجي وڃڻ.

وِهڪُو = پنهنجي زور ويهي سگهندڙ ٻار.

وَهلو = جلدي. 'وهلو وڃائين ويو، ڪري غم گذار'- (شاه).

وِينگڻ = گهٽا مچر ڪائن نه ڇئجي. مثال: رات مونکي مچرن وينکي، چڏيو.

وِيئڙِي = ننيو ۽ ڪچو ڪوه.

## هه

هارياڙ = سپ هاري. مثال: 'سڄي هارياڙ اچي گڏ ٿي'

هار ياڙ = ياجوڪڻ، بد اخلاق، لانگ چوٽي ۽ ٻاهر پيري عورت.

هامَشڪا = همت ڏيارڻ، تنبيه ڪرڻ، وڙهڻ، زور پري ڪو ڪم پورو ڪرائڻ.

هٿن تي پاڻي وجهڻ= ڏاڍي مار ڏيڻ.

هٿوراڙيون ڏيڻ= اونده ۾ ڪا شيءِ ڳولهڻ لاءِ هٿ هيڏانهن هوڏانهن وڏائڻ.

هُج رکڻ = أُميد رکڻ.
هِڏکوئي = هِڏکي Hiccup .
هُرڻ = حافظي ۾ ڪجهه ياد رهڻ.
هَرين هَرين = آهستي آهستي.
هَڙٻا ڏاڪڻ = لُچي ۽ وڏ واتي عورت.
هُڙکڻ = تپ ۾ ڏکڻ ۽ ڪِنجهڻ.
هِڪ = أُجَ - 'پيتم تي پرين سان، هڏ نہ پڳيم هِڪَ'- (سچل).
هِڪَ ٽِڪَ = پورو ۽ تير بهدف (علاج).
هِڪَ ڏڙو = يڪو، مسلسل، بخار جيڪو هڪجهڙو بينو هجي ۽ لهي نہ.
هُڪڻ = حسد ۽ رشڪ وِچان ڪجهہ چوڻ.
هَڪيو = تيار، موجود- 'هڪيو موجود هجڻ'.
هُل = گوڙ.
هَلان = حملو:
'چو هٽي هر هر هلان ڪيو، تيغ اکڙين جا تِکا-' (حامد).
هَلَتِ = سيڪجهہ، سامان، ڏنڊو وغيره.
هل چتي ٿيڻ = اجايو ڪم ڪرڻ واري لاءِ چون: 'هلَ چتي تي آهيس'- 'اِڏوهي ڪائڻ' ۽ 'ڏُکهي وجڻ' بہ هم معنيٰ آهن.
هُلڻ = مشهور ٿي وڃڻ.
هَنبس = هنبوچي، گوڙ شور، ناز نخرو ۽ پڏڻ.
هُندُون = نونئيون هٽڻ، اشاري سان ڪنهن کي أُيارڻ.
هِنياچو = تِلِيءَ (Spleen) جو وڏي پوڻ.
هنيون لاهڻ = مايوس ٿيڻ.
هَوانو = پروگرام- 'اج فلاٽي جي اچڻ جو هوانو آهي'.
هو روالو = رولوُ- 'هڪ قبيلو، جيڪو اڪثر وهٽ پاڙي تي ڏيئي پنهنجو گذران ڪندو آهي.
هُوڙائي = تڪڙ- 'ڪر ڪمندن ڪٽيو، هارايو هُوڙن'-(شاه).
هوڙيو هوڙيو= اِهو اِهو ڪرڻ، ڪنهن چرئي يا ڏوهاريءَ پنيان اِهو اِهو ڪري پوڻ، ڪڇيءَ ۾ 'هُوريو' چئبو آهي، ممڪن آهي 'هُوريو' مان 'هوڙيو' ٿيو هجي.
هَئودِ = وڏي ڪڏ.
هؤلِ = خوف. دل هؤل ٿيڻ يعني دل ۾ وهم ٿيڻ.



هيرڻ = هيرائڻ. 'اَڻ هيريا مَ هير متان هرنئي
هيريا م قير، متان وڙهنئي' (پهاڪو).
هَيو = هَچارو.

## ي

يَنبل = وڏو گرهہ ڪٽڻ.

# ڪڇي محاورو



باب پنجون

## ڪَڇ: تاريخي پس منظر

**<u>نالو</u>:** ڪڇ رياست رڻ ۽ هاڻي هڪ ضلعي جي حيثيت سان موجود آهي. ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ ڪڇ تي راءُ حڪومت ڪندو هو. ڪڇ جو اصل نالو اپيرديس/ اهيرديس يا اسرديس هو (1). ڀيرو مل ڪڇ جي معنيٰ ڪنارو لکي آهي (2). ڪڇ لفظ کي سنسڪرت بنياد جو سڏيو اٿس. محمد سومار شيخ ۽ ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي ڪڇ کي سنڌ جو حصو سڏين ٿا (3). هڪڙو خيال هي آهي تہ ڪڇ جو نقشو ڪَڇوڻَ جهڙو آهي، اُن ڪري اِهو نالو پيو هجي! اهو نظريو اعتبار جوڳو نہ آهي. 1960ع کان سنڌ- ڪڇ جي هن سرحد تي پاڪ- ڀارت ڪشا ڪشي ۾ سرگرمي ٿي. عبدالله چنہ جي سربراهيءَ ۾ ڪميشن ويٺي اُن ڪَڇَ/ ماپ/ Measurement جو نالو رکيو. محمد سومار شيخ کان اُردوءَ ۾ هڪ مضمون لکايو ويو هو، اُن ۾ پاڪستان جي موقف جي حمايت هئي. اُهو مضمون مون ڏٺو هو پر جڏهن محمد سومار شيخ جا قلمي ڪتابَ ”لاڙ ميوزيم“ ۾ آندا ويا تہ اُهو مضمون هٿ نہ آيو.

بهرحال ڪڇ جي رڻ جي وچ ۾ هئڻ ڪري سنڌ ۽ ڪڇ نہ رڳو جدا رهيا ۽ هاڻي بالترتيب پاڪستان ۽ ڀارت ۾ اچي ويا، پر زبان جي ڪري هڪ آهن. ٻن لساني محاورن (dialects) کانسواءِ ٻي ڪا جدائي نہ آهي.

**<u>طبعي بيهڪ</u>:** ڊاڪٽر ڄيٺي ڪڇ جي طبعي بيهڪ هن ريت بيان ڪئي آهي:

ڪَڇ، سؤراشٽر ۽ سنڌ پرديش (صوبي) جي وچ ۾ ڪَرڪ ريکا تي قائم ٿيل، ڀارت جي نقشي ۾ اُتر طرف 22 ڊگهائي ڦاڪ ۾، ۽ اوڀر طرف 68 کان 72 ڊگهائي ڦاڪن جي وچ ۾ سمنڊ ۽ بيابان جي ايراضي آهي (4). رڻ ڪڇ، سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ هڪ عجيب دوري قائم ڪئي آهي. ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ هيءَ دوري ڳُٽپ ۾ ئي نہ هئي. سرحد قائم ٿيل نہ هئي ۽ اچ وڃ جاري هئي. اُها خاص طور مزوريءَ ۽ لاباري

لاءِ هئي. ٻيو سبب حاجي پير جو ميلو هو جنهن لاءِ سنڌ جا ماڻهو، (خاص طور ڪراچيءَ ۽ ٻين ويجهن شهرن جا) سنڌ کان ڪڇ ويندا هئا.

حدن بابت تازي ۾ تازي تحرير ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ جي آهي. هُو لکي ٿو ته ڪڇ جي ڏکڻ ۽ ڪڇ جي نار، اولهه ۾ عربي سمنڊ ۽ اُتر- اوڀر طرف رڻ آهي. ڪڇ گجرات جو وڏي ۾ وڏو ضلعو آهي. هن جي جملي ايراضي سورهن هزار ڇهه سؤ اٺ (16608) چؤرس ميل يعني 45612 چؤرس ڪلوميٽر آهي. ڪڇ جي لنبائي 160 ميل يعني 264 ڪلوميٽر ۽ ويڪر 25 کان 70 ميل يعني 112 ڪلوميٽر آهي، جنهن ۾ 26139 چؤرس ڪلوميٽر بيابان رڻ آهي. ڪڇ جو سامونڊي ڪنارو لکپت کان مانڊوي، عربي سمنڊ ۽ مانڊوي کان شڪارپور تائين ڪڇ جي نار 352 ڪلوميٽر آهي. ڪڇ جي اوڀر ۾ ڪڇ جو ننڍو رڻ آهي، جنهن جي ٻئي طرف اُتر گجرات جو علائقو شروع ٿئي ٿو. اُتر جي وشال رڻ کان پوءِ پاڙيسري ملڪ سنڌ جو ڪجهه حصو شروع ٿئي ٿو (5)".

انهيءَ تفصيل جي روشنيءَ مان اها ڳالهه پڌري آهي ته ڪڇ سنڌ (لاڙ) جي ڏکڻ ۾ آهي. لاڙ ۾ ڏکڻ طرف کي به 'ڪاڇيل' چوندا آهن. گفتگو ۾ هينيان جملا وڌيڪ پُر معنيٰ آهن:

1. هُو ڪاڇيل پيو وڃي.
2. هُو ڪاڇيلان پيو اچي.
3. ڪاڇي واءُ لڳو آهي.
4. ڪاڇي مينهن پيو اچي.

**حاڪميت:** هن لحاظ کان قديم ڪڇ جي تاريخ گهٽي ڇٽي نه آهي. هتي جيڪي ايير/ اهير رهندا هئا، اُنهن جا ڪي راجواڙا جدا جدا خطن تي حاڪم ۽ اثر وارا رهيا. اُن کان پوءِ آرين جو اثر وڌيو. اسلامي لشڪر جي اچڻ ڪري هي خطو به محمد بن قاسم جي حاڪميت هيٺ رهيو اُن کان پوءِ مقامي سردارن جاڙيجن ۽ سمن جي حاڪميت رهي (6).

سنڌ ۽ ڪڇ جي لاڳاپن کي ڏسجي ته سنڌ جو واپار ميسو- پوٽيميا سان قائم هو پر لوٿل جو واپار به ميسو پوٽيميا سان هلندڙ هو



(7). لوٿل ۾ سامونڊي بندر به لڌو آهي، جنهن جو ڪردار هن واپار ۾ اهم هو. هن سلسلي ۾ پٽي لوڪن جو به اهم ڪردار آهي (8). سنڌ جي سياسي تاريخ ۽ ثقافتي ورثي جو ڪڇ سان لاڳيتو تعلق رهندو اچي. انهن ۾ ڌرمي ۽ مذهبي مقامات جي گهڻي اهميت آهي. هن سلسلي ۾ سڏيرن جو ٿُل ۽ ٻيا ٻڌڪا آستان اچي وڃن ٿا (9).

سنڌ جي سومرن ۽ سمن جو ڪڇ سان گهرو لاڳاپو رهندو اچي. سنڌ جا سومرا حاڪم ڪڇي نسل جا هئا. سومرن کان پوءِ سمن جو لاڙ ۽ ڪڇ تي اثر ۽ تسلط رهيو. اُهي سماٽ/ سمراٽ طور مشهور آهن (10). جيڪڏهن مجموعي جائزو وٺندي ڪنهن نتيجي تي پهچجي ته ائين چئبو ته ڪڇ تي سنڌ جو تاريخي، سياسي، ثقافتي ۽ معاشرتي اثر آهي.

اهڙي اثر جو ذڪر ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي ڪري ٿو. هُو چوي ٿو ته ڪڇ ٻاهران لڏي آيلن جو ديس آهي (11). اِهو داستان جاتي- وار به ڏکهو آهي. ڪن ناٽن ۾ ڳوٺن جا نالا به اچي وڃن ٿا. ڪڇ جو ڪوٽ، سنڌ جو ڪنڌ ڪوٽ، ڪڇ جو ٻيلو ته سنڌ جو درٻيلو (۽ لس ٻيلو)، گور واڙي گهوڙا ٻاري، ٻولاري- ٻولهاڙي، ڪوٽڙي- ڪوٽڙي ۽ شڪارپور- شڪارپور ساڳيا ڳوٺ ۽ شهر آهن (12).

سنڌونديءَ جي وهڪرن جو به ڪڇ سان لاڳاپو آهي. ڪڇ ۽ ڪنيات جون نارون ڳنڍيل هُيون. ڊاڪٽر لالواڻي رام سنگهه راٺوڙ جي گجراتي ڪتاب "ڪڇ نو سنسڪرتي درشن" (1990ع) جي حوالي سان لکي ٿو ته عيسوي سن کان به هزار سال اڳ ڪڇ جي نار ۽ ڪڇ جو رڻ سخت زمين جي صورت ۾ هئا. سرس وتي نديءَ جو هينيون وهڪرو ڪڇ ۽ ڪنيات جي رڻ مان ٿيندو سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو (13). "اِن کان سواءِ ٻين دريائن ۽ الله بند جو احوال به ملي ٿو جنهن سان ڪڇ جو پاڻي روڪجي ويو. گجراتي ڪتابن ۾ سنڌو نديءَ جي ڪڇ جي رڻ مان وهڻ جو به ذڪر آيو آهي.

ڪڇ جي اُترئين پاسي ٻنيءَ نالي هڪ وڏو چراگاهه آهي. جاگرافيءَ ۾ هن علائقي کي چراگاهه وارا ميدان سڏيو ويو آهي (14). اُن ۾ چاليهه ڳوٺ آهن جتي فقط گاهه ٿئي ٿو جو مال جي چاري لاءِ

مخصوص آهي ۽ ٻي زراعت جي اجازت نہ آهي. 2005ع ۾ اُتان احمد آباد آيل اديب ڪلاڌر ۽ ٻين مون سان اِها ڳالھہ ڪئي. ٻنيءَ ڪي لالواٽي دنيا جو وڏي ۾ وڏو چراگاھہ سڏي ٿو، جنهن ۾ چاليھہ ڳوٺ آهن. ڪڇ تي مختلف وقتن ۾ مختلف حاڪمن ۽ گهراڻن حڪومت ڪئي آهي. مسلم راڄ جي لحاظ کا محمد بن قاسم ڪڇ تي قبضو ڪيو ۽ پوءِ سنڌ جي اثر هيٺ ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين رهندي آئي. راجا (راءُ) جي حڪومت رهي جنهن کان ورهاڱي بعد ڀارت سرڪار ڪڇ جي حڪومت هٿ ڪئي ۽ اُن ڪي گجرات صوبي جو هڪ ضلعو بنائي ڇڏيو.

ڪڇ، گجرات جو هڪ وڏو ضلعو آهي. اُن جو صدر مقام شروع کان ڀُڄ آهي. آمد و رفت ۽ لاڳاپن جي ڪري ڀُڄ ۽ بدين جاڙا شهر سمجهڻ کپن. ٻنهي شهرن ۽ قريبي ايراضين جا ثقافتي لاڳاپا بيمثال رهيا آهن. انهن لاڳاپن جو هڪڙو سبب هي آهي تہ ٺڪر، مينگھواڙ توڙي مسلمان ڪڇ ۽ لاڙ ۾ آباد آهن. ورهاڱي کان اڳ اڄ وچ گهٽي هئي. شاديون مراديون بہ هِتان جي ماڻهن جون ڪڇين سان ٿينديون رهيون آهن. اُنهن ۾ بدين جي معزز شخصيت پير عالي شاه جيلانيءَ جي شادي نمايان آهي. پير صاحب جي مامي موليڏني جي نياڻيءَ سان اُها شادي ٿي. تصديق نہ ٿي سگهي آهي پر اندازو آهي تہ پير صاحب جي ڄڃ ڪڇ رڻ مان بيل گاڏين ۽ اٺن تي ويئي. اُن کان سواءِ بہ عام ماڻهن، مالوندن توڙي عالمن ۽ طالب علمن جي ڀُڄ ۽ بدين جي وچ ۾ اچ وڃ جاري رهندي آئي، جيڪا لاڙ جي شهرن ۽ ڳوٺن تائين وسيع رهي ۽ ڪڇ ۾ ڀُڄ، ابڙاسي، نکتراڻي ۽ ٻين تعلقن تائين رهي. ڪڇ ۾ جتن ۽ ٻين سنڌي مسلمانن جا ڳوٺ آهن. شاه عبداللطيف جي وفات کان پوءِ تمر فقير سالن جا سال ڪڇ ۾ رهيو. ڪڇ ۾ شاه جي رسالي جو ڀرپور شوق ذوق رهيو. هن سلسلي ۾ جتن فقيرن وٽ رسالي جي قلمي نسخي جو ڏس بہ ملي ٿو. ڇو جو زبان هڪ آهي، اِن پهلوءَ جو ذڪر ايندڙ باب ۾ ايندو.

ڀُڄ جي ويجهو حاجي پير جو ميلو سنڌ جي ماڻهن لاءِ خاص ڪشش جو سبب رهيو آهي. 45- 1946ع جي سالن دؤران اِهي نظارا مون بہ ڏٺا تہ ڪراچي- ڪوٽڙيءَ کان ريل بدين پهچندي هئي تہ مسافر بيل



گاڏين ۽ اُنن ذريعي بدين کان وايا لنواري، ڪڏڻ، پهدمي، رحمڪي بازار ۽ رڻ ڪڇ مان ڀڄ روانا ٿيندا هئا. هن وقت جي پاڪ- ڀارت سرحد جي حد بنديءَ کان اڳ وچ رڻ ۾ اڌ- پنڌ (midway) تي ڪريم شاهي ۾ ڊاٻو ٿيندو هو ۽ ڪو درويش اُت پاڻيءَ جون ناديون رکي ويٺو هو جيڪو مسافر پيئندا هئا. هن وقت رڻ جي صورتحال ڪهڙي آهي اُن جي معلومات نہ آهي. مٿيون ڳالهيون مون ماڻهن کان ٻڌيون آهن. هن سلسلي ۾ راوي اسان جي ڳوٺ جا ميگھواڙ ۽ ڪنڀار آهن. اُنهن ۾ الھہ رکيو ڪنڀار نمايان رهيو. هن مون کي حاجي پير جي ميلي جون ڳالهيون ٻڌايون. ميگھواڙن ۽ ڪنڀارن جون ڪڇ مان شاديون مراديون ٿينديون هيون. رڻ جو مفاصلو اندازاً سؤ ميل آهي. بدين لڳ ابو شيخا ڳوٺ ۾ اسان جا هاري سومرا آباد آهن. اُهي ڪڇ جا آهن ۽ ڪڇي ڳالهائين ٿا. اُنهن ۾ ڪمدار عمر سومرو ڀلن ڏِڳن جو شوقين هو ۽ سندس چوڻ موجب هو ڀلن ڏِڳن واري گاڏيءَ تي ڏينهن هڪ ڀڄ پهچندو هو.

لاڙ ۾ روزگار خاطر ڪڇ جا ماڻهو ايندا هئا. خاص طور ڪاتي ۽ لاباري تي ايندا هئا. اُهي مستقل طور بہ رهي پوندا هئا. ڪڇي ٽڙيل پکڙيل بہ آهن ۽ بدين ۾ سندن آبادي ”ڪڇي پاڙي“ جي نالي سان آهي. اُن ۾ ٻيا ماڻهو بہ رهن ٿا. ڪڇين جا اٽڪل 200 گهر آهن. اُنهن ۾ ٻين ذاتين سان گڏ، حجام، اُڏيجا، راهمان، ڀڏالا ۽ شيخ نشانبر آهن. هن وقت هن پاڙي کان سواءِ اڪثر ڪڇي شهر جي ٻين پاڙن ۾ گڏجي مسجي ويا آهن ۽ زبان جي لحاظ کان بہ سنڌين جهڙا ئي آهن. ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ بہ ڪڇي رهن ٿا. آخر ۾ هڪ مثال آءٌ پنهنجي خاندان مان ڏيان ٿو. منهنجي ماٽيجي ماءُ بہ ڪڇي خاندان مان هئي. سندس والد علي محمد ڦهرين اسان جي ڳوٺ (پير فتح شاه) ۾ اچي ويٺو هو. گهڻو پوءِ سندس پٽ لڏي اچي بدين شهر ۾ ويٺا. اُنهن جو اولاد هن وقت بلاول پارڪ جي ويجهو ۽ اتفاق ڪالونيءَ ۾ رهي ٿو. ٻوليءَ جي لحاظ کان اُهي نيٺ لاڙ واري ٻولي ڳالهائين ٿا.

## **حوالا**

1 شيخ، محمد سومار، ڪڇين جا قول، سنڌي ادبي بورڊ، ٻيو ڇاپو 2006 ع، ص 11.

**نوٽ:** سنڌي ادبي بورڊ جي ادارتي حاشيي ۾ (ص 11) محمد سومار شيخ جي هن تحرير کي غلط سڏيندي لکيو ويو آهي ته محمد سومار شيخ کان ڀُل ٿي آهي. اهير قوم ضلعي قنبر ۾ رهي ٿي! وضاحت لاءِ عرض آهي ته محمد سومار اِن کان انڪار ڪونه ڪيو آهي. اڀير يا اهير، ڪڇ، ٿر ۽ لاڙ جي هڪ مشهور قوم آهي، اُتر ۾ به ٿي سگهي ٿي.

2 آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع. ص 151

3 ڪڇين جا قول، ص 11 ۽ ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي. ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت، احمد آباد 2002ع. ص 14

4 ڄيٺو لالواڻي ص 14.

5 لالواڻي، ڄيٺو (ڊاڪٽر) ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت استيج پبليڪيشن احمد آباد 2002، ص 33.

6 ڪڇين جا قول- ص 13

7 شيخ، محمد سومار. ڪڇ جو رڻ، سنڌي ادبي بورڊ 2006، ص 17

8 ايضا —ص 18

9 ايضاً —ص 18

10 ايضاً —ص 21

11 ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت- ص 35

12 ايضاً- ص 36

13 ايضاً- ص 37 ۽ پڻ ڏسو ”گجرات نا اتهاسڪ ليکو- ڀاڱو ٻيو، ص ص 121 ۽ 122

14 ايضاً- ص 40

15 ايضاً- ص 40



باب ڇهون

# ڪَڇي ماڻهو/ سنڌي ماڻهو

ڪڇيءَ جو سنڌيءَ سان لاڳاپو گهرو آهي. وچ ۾ رڻ هجڻ جي باوجود ڪڇي ٻولي سنڌي ئي آهي/ سنڌيءَ جو محاورو آهي. ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻيءَ لکيو آهي ته ”ٻولين جي ويجهڙائيءَ جو مکيه ڪارڻ آهي هڪ ئي ڪٽنب جي ٻولي هجڻ ۽ ٻيو ٻولين جي گهڻي وقت تائين هڪ ٻئي سان واسطيداري سنڌي ۽ ڪڇي ٻولين جي ڀيٽ ڪرڻ سان ڄاڻ پوي ٿي ته ٻنهي ٻولين ۾ تمام گهڻي ويجهڙائي آهي. ڪڇيءَ کي سنڌيءَ جي ماسي به سڏيو ويندو آهي. ڪڇي ۽ سنڌيءَ جي آوازي سرشتي، گرامري سرشتي ۽ شبداوليءَ ۾ تمام گهڻي ويجهڙائي آهي (1)“.

ڊاڪٽر لالواڻي ڪڇيءَ کي سنڌيءَ جي ماسي ڇو ٿو سڏي اُن لاءِ تاريخي طور ڪوبه ثبوت ڪونهي. اٽڪل ٽيهه سال اڳ (شايد) هيري شيوڪاڻيءَ ٻنهي (ڪڇي ۽ سنڌي) کي ڀينرون سڏيو هو. مون اُن ڳالهه جو جواب روزانه هلال پاڪستان ۾ هي ڏنو هو ته ڏيءَ نه ته ڀيڻ ئي آهي ته به آهي ته اسان جي. سنڌ جي هڪ مزاح نگار ٽوڪ ڪندي لکيو هو ته سنڌي، گجراتي ۽ ڪڇيءَ کي به پنهنجي زبان جا محاورا سڏين ٿا. مذاح پنهنجي جاءِ تي آهي، پر هي هڪ سنجيدو موضوع آهي. سنڌين ڪڏهن به گجراتيءَ کي پنهنجو محاورو نه سڏيو آهي. هيءَ مجيل حقيقت آهي ته ڪڇي سنڌيءَ جو ئي هڪ محاورو آهي. ڪڇيءَ تي لپيءَ ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان گجراتيءَ جو اثر آهي، پر اُن جو بنيادي ڍانچو سنڌيءَ وارو آهي. هن سلسلي ۾ ثقافتي پهلوءَ جو گهڻو تذڪرو ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻيءَ ڪيو آهي. هن کي ڳالهيون بحث جوڳيون به ڪيون آهن، پر اُنهن جو سڌو واسطو محاوري سان نه آهي. مثال طور ”اڄ به سنڌ جا سما پاڻ کي عربن جو ونش (نسل) سڏائيندا آهن (2). ائين ڪونهي، البت سومرن جي عرب يا راجپوت نسل بابت بحث هليو. اُهي به حقيقت ۾ راجپوت نسل آهن. ڪڇ جي محاوري بابت سڀ ليکڪ متفق آهن ته اُهو سنڌيءَ جو ئي هڪ روپ آهي. ڊاڪٽر لالواڻي جا هيٺيان

رمارڪ بہ اهڙي پڻ پرائي ڪن ٿا- ”ڪڇ، سنڌ جي ڏکڻ طرف جاگرافيائي لحاظ کان اڄ بہ سنڌ جو هڪ ننڍو حصو آهي. جيڪو رڻ پٽ جي ڪري سنڌ کان ڌار ٿي پيو آهي (ص 14). “-“ هڪ حقيقت اها بہ آهي تہ ڪڇي سنڌي ٻوليءَ جي اُپ – ڀاشا آهي (ص 33) – وغيره.

لنگسٽڪ سروي آف انڊيا جي حوالي سان ڊاڪٽر لالواڻي لکي ٿو تہ ”ڪڇيءَ جا بہ جدا جدا روپ آهن: مول ڪڇي ۽ ڪايستي ڪڇيءَ ۾ راجستاني ۽ گجراتيءَ جي ملاوت آهي. مول ڪڇيءَ جا هي روپ آهن:

ٻنيءَ جي ڪڇي، واگهڙجيءَ جي ڪڇي ۽ مانڊوي جي ڪڇي (3). مول ڪڇيءَ جي تقسيم ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي آهي. اِهائي سنڌي جي پيٽ/ ڌيءَ هجڻ يا نہ هجڻ بابت بحث هلندڙ آهي. لپيءَ جي مد نظر ڪڇ ۾ ڪڇي عربي- سنڌيءَ ۾ ورلي لکجي ٿي. گجراتيءَ جي تسلط سبب اُها گجراتي لپيءَ ۾ لکجي ٿي. البت ڪي ليکڪ عربي- سنڌيءَ ۾ لکن ٿا. اُنهن ۾ سنڌي بہ آهن تہ ڪڇي بہ. اُنهن جا ڪتاب ۽ ليک خاص طور احمد آباد ۾ ڇپجن ٿا. ٻنيءَ جي ليکڪ ڪلاڌر مُتوا پنهنجو ڪتاب ”رڻ جا رنگ“ (ناول) مون کي احمد آباد ۾ ڏنو. اُهو احمد آباد جو ڇپيل آهي. اُن کي ڪڇ جو پهريون سنڌي اديب سڏيو ويو آهي. اُن کان سواءِ گوبند خوشحالاڻيءَ جا ناول بہ احمد آباد ۾ ڇپيا آهن. هُو لڏي ويل سنڌي آهي. ڪلاڌر اصل ٻنيءَ جو آهي. جتي سنڌي زبان قومي زبان وانگر آهي ۽ شاه عبداللطيف توڙي ٻين جي گهڻي اهميت آهي. ٻنيءَ توڙي سڄي ڪڇ ۾ سنڌي ۽ سنڌيءَ جو ڪڇي محاورو مروج آهي. سنڌيءَ ۾ لکڻ پڙهڻ جو سلسلو بہ جاري آهي. آديپور ۾ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي بہ قائم آهي.

ڪڇي محاورو، سنڌيءَ جي لاڙي محاوري جي ڏاکڻين پاڙيسريءَ طور موجود آهي ۽ ٻيو پاڙيسري محاورو ٿر جو آهي. انهن ٽنهي محاورن جو پاڻ ۾ گهاٽو لاڳاپو ۽ اثر آهي. ايراضيون ويجهيون رهيون آهن ۽ روزگار خاطر ٿر ۽ ڪڇ جي ماڻهن جو لاڙ ڏانهن اچڻ معمول هو. لاڙ ۾ ڪيترا خاندان مستقل طور رهي پيا. محمد سومار شيخ هڪ ٻئي جي علائقن ڏانهن جيڪا مستقل اچ- وڃ رهي تنهن جو



جائزو وٺندي ڪن اهم ماڻهن جو بيان ڪيو آهي. هُن جي ڪتاب ”ڪڇين جا قول“ ۾ اُنهن ڪڇي ۽ سنڌي ماڻهن جو ذڪر آهي. اُتان حوالن سان تذڪرو ڪجي ٿو.

”روضة الحسنات“ جو ليکڪ محمد اسماعيل ڪٽي ڪيترائي ڀيرا سنڌ آيو. سڄي سنڌ جو سير ڪيائين. هن جي سفرن جو هڪ سبب بزرگن بابت معلومات حاصل ڪرڻ هو (4). مشهور ليکڪ ۽ عالم مخدوم عبدالله نرئي وارو بہ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ هڪ مضبوط رابطو هو.

مخدوم عبدالله گهڻو وقت نرئي ( ڪڇ) ۾ رهيو. هن جا ڪتاب ’ڪنزالعبرت‘، ’قمرالمنير‘ سنڌ ۾ موجود آهن. ڪي ڇپيا بہ آهن. ائين ميان صاحب آرڪاٽي بہ مريدن سان ملاقات لاءِ سنڌ ايندو هو. انهن ماڻهن جي سنڌ ۾ اچڻ جا ڪي نہ ڪي سبب بہ هئا. مثال طور حاجي هارون مباغ ڪتاب ڇپائڻ لاءِ ايندو هو. سندس اڪثر ڪتاب ڪراچيءَ ۾ ڇپيا. مشهور عالم مولوي عبدالرحيم پڇمي (ڪڇ کي پڇم بہ چوندا آن. هنديءَ ۾ پڇم اولهہ کي ۽ پورب اوڀر کي چوندا آهن) تبليغ خاطر سنڌ ايندو هو. لاڙ ۽ ٿر ۾ سندس مناظرا مشهور آهن. هن پير پرستيءَ خلاف علمي ۽ عملي جدوجهد ڪئي. مشهور شاعر قل ڪوراڙ ۽ سندس پائٽيو ولي محمد بہ لاڙ ۽ ٿر ڏانهن اڪثر ايندا هئا. اهڙي طرح ڪڇ جي اهم ماڻهن مان الهڏنو شاه، گل محمد، حاجي شاه آرڪاٽي، احمد سومرو، عثمان نهڙيو اهم آهن. منهنجي سانيڙ ۾ سيد علي شاه گوهري، ايندو هو ۽ بدين توڙي ٽنڊي محمد خان ۾ ماڻهن سان ملندو هو. محمد سومار شيخ ۽ مون سان هن جون ملاقاتون 1956ع کان وٺي ٿينديون هيون. سادو سودو ماڻهو هو. شاه عبدالقادر جيلانيءَ جي سلسلي جي بزرگن بابت سندس ڪي ڪتاب ڇپيل هئا ۽ ٻين لاءِ مواد گڏ پيو ڪندو هو (5).

مولوي علي محمد دوستي اصل ڪڇ جو هو. بدين ۾ اچي رهيو. 47- 1948ع ۾ راقم الحروف قرآن شريف وٽس پڙهيو. دوستي، اتحاد ۽ انسانيت جو پرچار ڪرڻ خاطر اهڙا پوسٽر تيار ڪري ورهائيندو هو. اُن ڪري ڪيس ماڻهو ’دوستي‘ نالي سان سڏيندا هئا.

1995ع ۾ آءُ بدين ۾ ساڻس مليس. سندس نظر ڪمزور ٿي چڪي هئي. مون سندس هٿ پنهنجن هٿن ۾ ورتا ۽ پڇيم: ”سائين سڃاڻو“ هڪ پل ۾ منهنجو نالو ورتائين.

محمد سومار شيخ اُنهن سنڌي شاعرن جو به ذڪر ڪيو آهي، جن جو ڪڇ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. اُنهن ۾ شاهه عبداللطيف جو نالو سر فهرست آهي. اُن ڪان پوءِ خليفو تمر فقير ڪڇ ۾ وڃي رهيو. رسالي جا ڪيترا عاشق ڪڇ ۾ ٿيا. قلمي رسالا لکيا ويا.

محمد شاهه جيلاني، پير بخش فاروقي، پنجتني پيجارو به ڪڇ تان پيرا پيا ڪندا هئا. منو شاهه سيراڻيءَ وارو به ڪڇ جو هو ۽ لاڙ ۾ اچي رهيو. هُن وٽ شاهه جي رسالي جو هڪ قلمي نسخو هو. جو پوءِ پير صاحب عالي شاهه جيلانيءَ جي هٿان ڊاڪٽر دائود پوٽي کي تحقيق لاءِ ڏياريو ويو. مون ۽ محمد سومار به هن قلمي نسخي تان مدد ورتي. منو شاهه سان ملاقاتون به ٿيون. عام ماڻهو ته عام جام پيا سنڌ کان ڪڇ ويندا هئا. پير صاحب عالي شاهه جا ناناڻا ۽ ڏاڏاڻا به ڪڇ جا هئا. اُتاهين مامي پير موليڏني جي گهران سندن شادي ٿي. اُن جو احوال پير صاحب پنهنجي آتم ڪهاڻي ”منهنجي ماضيءَ جا چند ورق“ ۾ ڏنو آهي (6). اُن ڪان سواءِ ڪڇ ۽ لاڙ جو رابطو جن بزرگن ذريعي رهيو اُنهن ۾ حڪيم محمد صديق سومرو هڪ اعليٰ انسان هو. هڪ پيري اسان پائرن سان جيپ ۾ هو ته ور ڪاٽيندي جيپ مان ڪِري پيو ۽ ٽپ ڏيئي اُٿي آيو ۽ منهن ۾ گهنج به نه پيس. ياءُ عبدالمجيد کي چيائين: خير آهي.

## حوالا

1. ٻنيءَ جا- سنڌي لوڪ گيت- ص 33
2. ايضاً — ص 25
3. ايضاً — ص ص 33- 34
4. محمد سومار شيخ. ڪڇين جا قول، سنڌي ادبي بورڊ 2006،



5. هن احوال جو ڪجهه حصو محمد سومار شيخ جي ڪتاب ”ڪڇين جا قول“ ص ص 28- 31 تان ورتل آهي.
6. ڪڇين جا قول، ص ص 32- 37.

# ڪڇيءَ جا نمونا

ڪيترن ئي ڪڇي اديبن، سنڌي زبان ۾ شعر ۽ مڪمل ڪتاب لکيا آهن. ڪي لوڪ شاعر ۽ سگهڙ بہ ٿيا آهن. اُنهن ۾ ياڳو يان ۽ سُمنگ چارڻ جا نالا مشهور آهن. خاص طور ويهين صديءَ جي اديبن ۽ شاعرن جا نالا لاڳاپو رکندڙ ڪتابن ۾ اچن ٿا. محمد سومار شيخ پنهنجي ڪتاب ”ڪڇين جا قول“ ۾ هيٺين اديبن جي مختصر سوانح ۽ ادبي ڪم جو ذڪر ڪيو آهي: اسحاق ڪڇي، عبدالرحمٰن ٽيڀو مڏئي وارو، خليفو محمد يوسف سائل، احمد سمون، پير غوث محمد شاهہ ابراهيم جت، منٺار شاهہ باقر شاهہ ناڙاپي وارو ، رتن ٻائي، سونل ٻائي، ميران ٻائي، ابراهيم حجام، اَٽندو مينگهواڙ، واگهو، الهڏنو مُتوو، عمر منڊرو، ملوڪ ڪوڙ، علي ذوالفقار شاهہ رب رکيو جت، سيد جلال شاهہ ٿل ڪوراڙ، ولي محمد ڪوراڙ، ميان صاحب آرڪاٽي، احمد لوهار، منگهو چارڻ، عبدالله شاهہ جميل ڪانائي، ابو لنگهو، رٽمل ٻاروٽ، عمر لوهار، حيدر شاهہ موڪائي، قاضي ابراهيم، سيد قاسم شاهہ حاجي حسن سهتو، حاجي هارون صباغ، عبدالرزاق ڪٽي، الهڏنو پڇمي، عبدالرحيم پڇمي، مولوي حاجي احمد جت ۽ سيد علي شاهہ گوهري.

هن ۾ پير غوث محمد ۽ ٿل ڪوراڙ وڏا شاعر آهن. جن جي ڪلام جا مجموعا موجود آهن. سيد علي شاهہ گوهري جو ادبي ڪم نهايت وزنائتو آهي. هن سان ملاقات بابت محمد سومار شيخ هي دلچسپ باب لکيو آهي. هُو لکي ٿو-: ”سن 1952ع جي ڳالهہ آهي، جڏهن گوهري صاحب سان ملاقات ٿي ۽ پوءِ سالن تائين ملندو رهيو (1)“. اُن کان پوءِ هن جي ڳوٺ گوهر شريف جو ذڪر ڪيو اٿس. گوهري صاحب 1882ع ۾ پيچ ويجهو ڄائو ۽ 1965ع ۾ ٽنڊي محمد خان ۾ وفات ڪيائين. سندس هيٺيان ڪتاب لکيل آهن: اذڪار قلندري، ڪرامت نامو، گلزار غوثيہ، گلشن غوثيہ ۽ روضة السادات، جي ٽنڊي محمد خان واري دور ۾ ڇپيا. اُن ڪانسواءِ ڪي قلمي ڪتاب شايد ڇپجڻ کان



رهجي ويا. هي غوثيہ پيرن ۽ درگاهن جو ديوانو هو، جن بابت مواد گڏ ڪرڻ لاءِ هن ڪڇ سميت سنڌ ۽ پنجاب جا پنڌ ڪيا.

اڪثر ڪتاب سنڌي بيت ۽ نظم جي ٻين هيئتن ۽ صنفن ۾ لکيائين. شعرن جو نمونو هي آهي:-

گوهر گام اعليٰ، جِت ظاهر پير جلال،
فائق ڦاٽل توب ڪي، ٻڌي ڪيو ڪال،
منجهان نوڙيءَ مس ٿيو. اهڙو ڏين احوال،
ستر سؤ ڇهاسي، سورنهن لکيو سال،
سيد سٽي سوال، راضي رکيو راءِ ڪي.

-

بدر ڪامل چنڊ چوڏهين جو، بهاءُالدين پير،
ٻيا حضرات سڀ چؤگرد، جيئن تارن چوان.

گوهري صاحب وانگر اڄ ڪلهہ جي ڪڇ جا شاعر ۽ اديب پنهنجا ڪتاب احمد آباد مان خاص طور ڇپائين ٿا. اُنهن ۾ ڪَلاڌر مُتوا (ٻنيءَ جو) ۽ گوبند خوشحالاڻيءَ جا ڪتاب احمد آباد مان ڇپجن ٿا. گوبند جا ڪيترائي ناول ڇپيا آهن.

2 ادبي سطح تي ڪڇيءَ جو نمونو جناب محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي تحريرن ۾ ملي ٿو. سندس هڪ ناٽڪ واپيڙو (وهابي) مان هڪ اقتباس هي آهي، جنهن ۾ ڪڇيءَ (۽ ٿريءَ) جو استعمال ٿيل آهي. پهريون نظارو پُج جي هڪ مسجد جو آهي:

ميانجي: (ڪنگهڪار ڪري) پِنڊ جا مسلمان ڀائرو! تي مرشيد سڳورين جا معتقدو! آن ڪي چوئان، اجوڪي ڏين. الله سائين ڪين سڳورو آئي. ڪُري لاءِ تہ اين ڏين حجهرت پاتشا پير رحمة الله پنڊ جهي مولا پاڪ سين واصل ٿيا هُوئا. حجهرت جهو قدم مڙني ولين سڳورين تي آئي. تنهنڪري جيڪي ماڙُو ڪين پڻ مرشد جا مريد آئينِ سي حقيقت ۾ پاتشا پير جا مريد آئين. پاتشا پير جهون ڪرامتون ني موججا تان هجارين لکين آئينِ. پَڻ اُنين منجا هيڪڙو موججو ايڙو آئي جين منجا گهڻي هدايت ٿئي تِي.

اُو اِي، تان پاتشا پير جو هيڪڙو مريد وقات ڪري ويو. جين ٽاڻي ماڙُو اُن کي قبر ۾ رکي ني وريا، تڏين منکر ۽ نکير پڻ آويا. اُن ڪنان پڇئون: ”توجهو رب ڪيڙو آئي؟ ني تو جهو نبي ڪيڙو آئي؟ ني توجهو دين ڪيڙو آئي؟“

تان اُن جباب ڏنو: ”ٻاوا مون کي تان نڪا آئي ڪبر رب جهي، نڪا نبي جهي، نڪا ڏين جهي. آءٌ تان هيڪڙي پاتشا پير کي سڃاڻان.جيهو پڻ ڪي نہ —“ تڏين ملڪ سڳورا ويا الله سائين وٽ، ني اُن کي سمورو احوال سڻائون. الله سائين حڪم ڪيو تہ وڃي هيور جو هيور دوجڪ منجه وجوس“.

ملڪ سڳورا آويا مُرڏي وٽ- جيڙو اندر گڙيا تان حجهرت پاتشا پير پڻ منج وينو هو، سو ٻني کي زلي ني ڏسي گوڏين ايٺ ڏِي وِي رِيو. تڏين اُنين وائڙو ٿي پڇيو: ”اي سائين! اسان کي ڪُري لا ڏسيو آئيني؟“- چي آن مونجهي مريد کي هجاب ڪرڻ آويا آئيو. سو هاڻ پيرين تان آءٌ آن کي پُرڙيان. پو جي مون ڪَنان پڇي ويا تہ پلين پيا هجاب ڪريجا.“

ملڪين سڳورين مِڙي جور لڳايا، تڏين عاجرود تي پڇئون: ”پلا سائين! اسان کي ڪين قول چڏينتين؟“ پاڻ فرمائين: ”جهي آئين مون کي لِکي ڏيو تان هاڻ ڪڏين مريڏ کي هجاب نہ ڪنڌا، تان آءٌ آن کي چڏيندس، نتان ايڙو تان ڪندس، جو اُن جي پِشتَ منجا لَجَتَ هلي ويندي. نين دَوجڪ منجا ڏيشت!“

ملاڪين چيو: ”پَڻ سائين! هيوَر هنن مس ني قلم ني ڪاگج ڪِيان آويا“- تان پاتشاه پير پِنڊ جي ڪيچي منجا مس ني قلم ني ڪاگج سب ڪڍي.....

حافظ سليمان: (وچ ۾ ڳالھ ڪپي) اڙي پليت! خدا جي گهر ۾ ڪوہ تو ڪُوڙ ڪريين! (2)

ڪچين ۽ سنڌين جا هڪ ٻئي سان چرچا ۽ جملن جي ڏي- وٺ بہ مشهور آهي. اُن جو مطلب هڪٻئي جي طور طريقن، نالن، ٻوليءَ تي ٽوڪون ڪرڻ آهي. اهڙي ٽوڪبازي اڪثر هوٽلن، بازارن ۽ دوڪانن تي ٿيندي هئي. اڪثر اُن ٽوڪبازيءَ ۾ گٿا ۽ نامناسب لفظ ڪم ايندا هئا ۽ ٻئي کي بي سمجهه ظاهر ڪرڻ مقصود هوندو هو. لفظ ”ڏر“ جو



عام استعمال ٿيندو هو جنهن جو جو مطلب”بيوقوف“ ورتو ويندو هو. مثال: ”اي آئين سندي ڏر ڪُرو تا ٻجو “سنڌي چوندا:“ اي آئين ڪچي ڏر چا تا چاٽو.“

هن هيٺ ڪي ٻڏل ۽ ڪي پنهنجي طرفان جملا لکجن ٿا:

- اي آن سنڌئين جا نان ڪُرو- گُل
نِي قل! پان واري پيڻ ..... ٻدي
تان هينسي هينسي ........ وڃي!
- اي آئين ڪچيڙا بصر کي
چئو ڏونگري ۽ زال کي چئو ٻائڙي!
- آئين سندي ڏر ڪُرو تا ٻجو! آن
کي تان چاءِ ڪڍڻ پڻ نتي آئي.
اسان ڪچين آن کي سيڪاري.
- اي آئين ڪچيڙا! ڪاتتي ۽ لاباري لاءِ سنڌ ۾ اچو ۽ پونگيون اڏي ويهو! آن کي گهر اَڏڻ جي بہ اتڪل ناهي!
- اي ٻاوا! مزور ماڙو آهيون. مند تي وري ڪچ وِڃٹو پئي تو.
- اي ڪچي ڏر! آئين ڏيءَ ۽ پيڻ کي گار ڏئي ڪيو تا!
- اي ٻاوا! جبان تي بہ اکر چڙي وڃين تا- گار لڳي تہ نتي وِڃي!
- اي آنجو پڙو سنو پهرواس ڪونهي!
- اي با! آن جي ڪانچين ڪنان پڙو ڦُترو ريو. ري گُنا جو بوش ڪري لا ڪرئين تو؟

اِن هوندي بہ موجوده صورت حال هيءَ آهي جو سنڌ (خاص طور لاڙ ۽ ٿر) ۾ ڪچي ماڻهو ٻوليءَ جي لحاظ کان گڏجي مسجي ويا آهن ۽ گهر ۾ پنهنجو ڪچي محاورو قائم رکيو اچن. زبانن جا هي محاورا هڪ حقيقت آهن ۽ انهن جو علمي مقام مجيل آهي. اِن ۾ بہ ڪو شڪ ڪونهي تہ سنڌي هڪ وسيع زبان آهي ۽ موجوده سنڌ جي سرحد پار، سنڌي موجود آهي ۽ سندس محاورا بہ نشانبر آهن. ڪچي اُنهن ۾ اِن ڪري بہ اهم آهي جو سنڌ جي ڏاڪٽين سرحد ۽ ڪڇ جي وچ ۾ رڻ موجود آهي. جي قديم وقت ۾ رڻ بدران آباديون هونديون تہ اُن جي امڪان کي رد ڪري نٿو سگهجي.

## حوالا


1. شيخ، محمد سومار. ڪڇين جا قولَ، سنڌي ادبي بورڊ 2006ع، ص 305
2. ڏيپلائي، محمد عثمان. ناٽڪ، سنڌالاجي، 1985ع ص ص 103، 104 ۽ 105.






# ڪڇي محاوري جون خصوصيتون

ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي، ٻهريون عالم هو، جنهن پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ مختلف محاورن جو ذڪر ڪندي ڪڇيءَ جو بہ ذڪر ڪيو. ڪڇيءَ جي مختلف پهلوئن جو بيان ڪندي هُن ڄاڻايو تہ:

1. لفظن جي پڇاڙيءَ واري اعراب ڪڍيو ڇڏين. اُن جو مطلب ٿيو پنجَ بدران پنج، ڳڻَ بدران ڪڻ چون.
2. 'اِ' (زير) جو اُچار ڪرڻ جي عادت اٿن. اِن جو مطلب ٿيو وَڃ بدران وِڃ، چون (پر فعلن کي ڇڏي ڪن لفظن ۾ زير بجاءِ زبر ڏين، جئن پڙ بدران پَڙ چون.
3. اُچار کي سُسائين- جئن ڏنائين بدران ڏنئين چون. اهڙي طرح ڏنائون کي ڏنئون چون ۽ ڪيائون کي ڪئون چون.
4. اوسرڳُئي (un-aspiration) عام آهي. ڪنهن، تنهن، جنهن، جڏهن، تڏهن، ڪڏهن بدران ڪين، تين، جين، جڏين، تڏين ۽ ڪڏين اُچار ڪن. اسمن ۾ بہ اوسرڳائي عام آهي. مثلاً: گر (گهر)، گوڙو (گهوڙو) بَت (ڀَت) ٻت (ڀِت) ۽ با (ڀاءُ) وغيره.
5. اِتان ڪان اِئان، جتان کي جيان چون.
   - ادا اِئائين، ڪو ويو سات سڄڻ جو. (شاهه)
   - جِئان ڏنائين، پير مبارڪ (شاهه)

6 ڪرڻ بدران ڪيڻ چون.

7 عام طور واحد مان جمع ۾ اين پڇاڙي ملائين. جئن ماڻهوءَ جو ماڙئين، جانور جو جانورين، گهر جو گهرين ۽ ڀاءُ جو ڀارين جمع ڪن.

8 ڇا کي ڪُرو چون.

9 ضميرن ۾ بہ اوسرڳائي عام آهي: جئن اوهان بدران آن ۽ اوهان جو بدران آنجو چون.

10 آءٌ ماريو آهيان بدران ماراٽو چون. رسيو بدران رساٽو چون: رسالي ۾ بہ آهي: جا منزل جي ماري سان قادر ڪيچ رساٽئين- (1).

اُن کان پوءِ ڪاڪي پيرومل ڪچيءَ تي گجراتي ۽ راجستانيءَ جي اثر ۽ کن علحدن لفظن جو ذڪر ڪيو آهي. ڪيترا ڪچي شاعر آهن جن جو ڪلام موجود آهي اهڙو ڪلام محمد سومار شيخ پنهنجي ڪتاب ڪچين جا قول ۾ ڏنو آهي. پيرومل هڪڙو ئي بيت ڏنو آهي – 76

ميا پري مال، اُجي اُچارا ڪيا،

نہ ڄاڻان ٻي ڳالهہ، ڪيهر هليو ڪچ ڏي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي مقالي ۾ ڪچ ۽ ڪچي محاوري جو ذڪر ڪندي ڪچ جي شاعرن مان مئين ملوڪ، منثار ۽ ميان صاحب آرڪاٽيءَ جون ڪافيون درج ڪري اُنهن ۾ آيل ڪچي لفظن جو حوالو ڏنو آهي. اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ڪچي محاوري ۽ لاڙي محاوري ۾ ٿورو ئي فرق آهي. لفظن جون فهرستون ٺاهجن تہ اُهي طويل ٿي سگهن ٿيون. ڊاڪٽر بلوچ جي ذڪر ڪيل مقالي ۾ بہ هڪ فهرست آهي. اُها هوبهو هيءَ آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| وریاري = | وڏف | سيراڻ = | ساوڻ |
| ڪرئي = | گهر | ڪاوو = | يَت |
| ڏيلو = | اوطاق | گڏو = | رينڪڙو= ڏاند گاڏي |
| ڦاريو = | پٽڪو | ٻائو = | سيد |
| پڳرڪو = | جتي | سيڻ = | سِرڻ پکي |
| پراٽو = | بانس جي لٺ | ڪُرو = | چا |
| چيٽي = | سُٽڻ | ڪُلا = | چا لاءِ |
| تنيہ = | ميها | ڪماڙ = | در |
| گهلڪي = | توري | ڍينگلو = | پئسو |
| سيلري = | ڪماند | - | |
| متو = | ٻلو | جهمڻ = | ڪائڻ |
| هولو = | ڳيرو | ڳتا = | گراهہ |
| سوڙو = | طوطو | ريگٽا = | واڱڻ |
| اَساڏ = | آڪاڙ | ڏونگري = | بصر |



گيسوڙي = توري
جوڙو = جُتي
پوتارو = پوتي، گوڏ
ويان = وهاڻءُ
گاگرو = پڙو
ڦٻڻ = ڦڳڻ
ڳنپڻ = ڳنهڻ، ونڻ
ٻائڙي = زال
ڪاڳڙو = ڪانگ
ڦڙڪو = پٽڪو
-
آما = انب
پڳ = پير
وانگي= پهر، ماٽهو
سنيوڙڻ = سنيرڻ
گڍ = قلعو
سومار = سومر
-
ساڳ = ڪوبہ ٻوڙ
چيڙ = گدرو
ڪاٺ چيڙ = پپيهو، ڪاٺ گدرو
ونجهہ = بانس جي لٺ
لسڻ = ٿوم (2).

چوپٽ = طوطو
ٻائي = پيڻ 77
-
ٺاهري = ٺاهري مهينو (لاڙ- نهاري)
ويلو = وهلو، جلد
ويساخ = ويساک
ڄِٽس = جنس
آرتار = آرتوار
گڏوڙو = گڏه
پاريلو = پاريهل (لاڙ- پاريل)
ڪائو = ڪاڏو
جهرڪلي = جهرڪي
آفيڻ = آفيم
چٽيچ = چنچر
گوڙو = گهوڙو (مونث- گوڙي)
ميڙي = ماڙي
ججو = جهجو
-
حِيا = جلدي
سڪر = ڪنڊ
آوڻ = اچڻ
تج = دالچيني

ڪي جملا بہ انوکا آهن. ’هُو ايندو‘ بدران چون: هُو اچيندو. ڪڏهن ويندو کي وينو چون تہ ڪڏهن وجيندو چون.

اهڙي طرح سنڌيءَ کان مختلف لفظ ۽ علحده نوعيت جا جملا ڪڇي محاوري کي سنڌ جي معياري محاوري کان جدا ڪري بيهنا آهن.

## حوالا


1. آڏواڻي، ڀيرو مل مهر چند. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع ص ص 150- 151 152
2. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) مقالو: ”سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ اُن جو ڪڇي محاورو“
3. مهراڻ جون موجون، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي، 1956ع ص ص 236 کان 240.


### ما 78

ڪڇ ۽ اُتان جي ماڻهن ۽ زبان بابت ڪئين ڪتابن ۽ مقالن ۾ لکيو ويو آهي. اُنهن ۾ هيٺيان ڪتاب، زير نظر ڪتاب جي تياريءَ لاءِ مطالعي هيٺ رهيا. اُنهن جي باري ۾ معيار بابت بنيادي معلومات هيٺ ڏجي ٿي.

**سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ:** ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي پنهنجي هن ڪتاب ۾ پهريون ڀيرو سنڌي زبان جي ڪڇي محاوري بابت معلومات ڏني. هي ڪتاب سنڌي ٻولي جي تاريخ بابت بنيادي معلومات بہ فراهم



ڪري ٿو ۽ مختصر طور مختلف محاورن بابت بہ ڄاڻ ڏي ٿو. ڪڇي يا ڪڇڪيءَ بابت ٻن صفحن کان ٿورو وڌيڪ مواد شامل ڪيل آهي. منهنجي اڳيان هن ڪتاب جو 1956ع وارو ڇاپو آهي.

**ڊاڪٽر بلوچ جو ڪڇيءَ بابت مقالو:**

### سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ اُن جو ڪڇي محاورو

نئين زندگيءَ ۾ ڇپيو ۽ اُن کي مجموعي مهراڻ جون موجون ۾ شامل ڪيو ويو. هن ۾ ڊاڪٽر صاحب محاوري سان گڏ ڪن شاعرن جو بہ تذڪرو ڪيو آهي. هي هڪ معلوماتي مقالو آهي.

**ڪڇين جا قول:** هي ماستر محمد سومار شيخ جو لکيل آهي، جو هُن ڪافي آڳاٽو سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو هو؛ پر 1977ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپيو ۽ اُن جو ٻيو ڇاپو 2006ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ڪڇ جي مختصر تاريخ، ڪڇي محاوري ۽ ڪن ڪڇي شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مواد ڪافي آهي پر ڪيترن هنڌن تي سن سال نہ ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ آندل پوءِ وارن ليکڪن کي بنا حوالي جي نقل ڪيو ويو آهي.

**سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي:** هي ڪتاب ڊاڪٽر غلام علي الانا جو لکيل آهي ۽ 1979ع ۾ سنڌالاجيءَ شايع ڪيو. هن ۾ بہ ڪڇ جي تاريخ، ڪڇ ۽ سنڌ جي ناتن، علم ادب ۽ ڪڇي محاوري بابت لکيو ويو آهي.

**ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت:** هيءَ هڪ پي ايڇ. ڊي ٿيسز آهي ۽ ڪتابي صورت ۾ 2002ع ۾ دهليءَ مان ڇپي. ليکڪ جيٺي لعلواڻي 1993ع ۾ بمبئي (هاڻ ممبئي) يونيورسٽيءَ مان ڊگري حاصل ڪئي. ٻني ڪڇ جو هڪ ڄاتل سڃاتل علائقو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪڇ جي تاريخ، تهذيب، ٻنيءَ جي معلومات ۽ لوڪ گيتن بابت لکيو ويو آهي. گيتن ۾ ڪيترا سنڌ جا لوڪ گيت بہ شامل ڪيل آهن. 79

**ڪڇ جو رڻ:** هي ڪتاب ماستر محمد سومار شيخ 1966ع ۾ مڪمل ڪري سنڌي ادبي بورڊ کي ڏنو ۽ 2006ع ۾ شايع ٿيو آهي. انديشو ۽ اندازو آهي تہ هن ڪتاب ۽ ”ڪڇين جا قول“ جو مواد ڇپجڻ کان اڳ ڪن ليکڪن نقل ڪري ورتو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪڇ ۽ سنڌ جي تاريخ

۾ ڪن شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. محمد سومار شيخ، هنن ڪتابن ڪان سواءِ ڪڇ جي شاعرن بابت ٻيا ڪتاب ﺑﻪ لکيا جيڪي سندس وارثن وٽان ونئي لاڙ ميوزيم ۾ آندا ويا آهن، اُنهن ۾ هي ڪتاب ﺑﻪ آهن:

- ڪڇ جا ڪي سنڌي شاعر
- ڪڇ جا اولياء شاعر
- ڪڇ جا شاعر ۽ سنڌ
- ديوان ڦُل ڪوراڙ

آخري ڪتاب ڪي ڇڏي باقي مواد سندس ئي متي ذڪر ڪيل ٻن ڪتابن ۾ ﺑﻪ اچي ويو آهي.

خاص طور هنن ڪتابن مان مدد وٺي موجوده ڪتاب لکيو ويو آهي.

80